# تاريخ جو وساريل ورق

شيخياڻيءَ
جي
ڪھاڻي



غلام فاطمہ شيخ

تاريخ جو وساريل ورق

# شيخياڻيءَ جي ڪهاڻي

*donated from
Suleman A Memon's
personal library*

غلام فاطم شيخ

سنڌي ساهت گهر

حيدرآباد، سنڌ.

2010

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گهر – ڪتاب نمبر 224

ڪتاب جو نالو : تاريخ جو وساريل ورق
شيخيائيءَ جي ڪهاڻي
ليکڪا : غلام فاطمه شيخ
ڇاپو پهريون : آگسٽ 2010ع (اداري پاران پهريون)
ڪمپوزنگ : منظور احمد جوڻيجو
الرزاق ڪمپيوٽر رابعه اسڪوائر حيدرآباد. 2787839
لي آئوٽ : مور ساگر (0333_2634650)
قيمت : =/60 سٺ روپيه

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

**آئيڊيل ڪتاب گهر:** رابعه اسڪوائر، حيدرچوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد. سنڌ

Ph: 022_2780701_ Mob: 0300_3946518

پوسٽل ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر 58 جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد_سنڌ

- سنڌي ادبي بورڊ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد. 022_2633679
- پناڻي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد. 0345_3587391
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو.0307_3471205
- عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر0712007402
- سنڌ بوڪ ڪلب، نواب شاهه.0300_3006469
- قاسميه لئبرري ڪنڊيارو0300_3144668
- لمعه لئبرري17 پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڪالوني ذوالفقار باغ لاڙڪاڻو0333_7541193
- بوڪ ورلڊ رابعه سينٽر لڳ عسڪري بئنڪ بندر روڊ لاڙڪاڻو.0333_7548804
- المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، ٽاٽو روڊ سانگهڙ.0235_542182
- گل ڪتاب گهر، لکي در، شڪارپور.0346_3701659
- العزيز ڪتاب گهر، ٽر بازار عمرڪوٽ.0238570345

TAREEKH JO WISARIAL WARQ_ SHAKHYANI'A G KAHANI
By: Ghulam Fatima Shaikh
Published by: Naz Sanai
Chairman_ Sindhi Sahat Ghar
Rabia Squre, Gari Khato,
Hyderabad, Sindh.
Book No. 224 Agust 2010
Price Rs. 60/_

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ٻه اکر

"تاريخ جو وساريل ورق" شيخياڻيءَ جي ڪهاڻي، آسان جي پياري ۽ مِنڙي غلام فاطمہ شيخ جو ننڍڙو ڪتابچو اسان جي تاريخ جو اڻ وسرندڙ باب آهي، جنهن کي هن دِل جي ڏاڍي سچائيءَ سان تحرير ڪيو ۽ جڏهن اهو ان وقت جي رِسالي "اديون" ۾ قسطوار اچڻ لڳو تہ اسان جي هڪ وڏي عالم ڊاڪٽر دائود پوٽي راءِ ڏيندي چيو تہ "اهو باب مڪمل تحرير ٿئي ۽ ڪتابي صورت ۾ اچي". پر جهڙي طرح خود ڊاڪٽر دائود پوٽي جي آتم ڪهاڻي مڪمل نہ اچي سگهي، ساڳي طرح غلام فاطمہ شيخ جون يادگيريون بہ جڻ مڪمل نہ ٿي سگهيون. پر جيڪي ڪجهہ ڇپجي ويو اهو بہ اسان جي تاريخ جو هڪڙو يادگار باب بنجي ويو.

هن ننڍڙي مختصر آتم ڪهاڻيءَ ۾ نہ رڳو مرحيات غلام فاطمہ شيخ جي پنهنجي رولڙن ۽ پورهيتن جو ذڪر آهي، پر سندس سڄي هندو ڪان مسلمان ڪٽنب، سڄي سنڌ جي ان وقت جي ماحول جو ٿورو ئي صحيح پر مستند آيل آهي.

غلام فاطمہ جي والد محترم شيخ عبدالرحيمؒ، جيڪو سنڌ جو انتهائي اعليٰ پائي جو بزرگ ۽ عالم هو ۽ هن سنڌ جي آزاديءَ ۽ انگريزن خلاف جيڪو ڪردار ادا ڪيو هن پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪو پوڳيو ۽ جن مشڪلاتن کي مُنهن ڏنو انهي جو بہ اسان مشاهدو ماڻي سگهون ٿا.

حيدرآباد سنڌ
18 فيبروري 2010

**ناز سنائي**

هن ڪهاڻيءَ جي شروعات ان اسلامي هلچل سان ٿي آهي، جا اٽڪل سؤ سال اڳ حيدرآباد شهر ۾ رونما ٿي، جنهن عجيب وغريب تبديليون آنديون.

مرحوم شيخ عبدالرحيم ڪٿين ڪشالا ڪيا ۽ هندو عامل نوجوانن کي اسلام طرف رجوع ڪيو جن جو تعداد هن وقت اٽڪل ٻن سؤ فردن تي مشتمل خاندان آهي.

مرحيات شيخياڻي غلام فاطمہ ننڍپڻ جا تاريخي واقعا وڏن کان جيئن ٻڌا، تيئن سربستہ قلمبند ڪيا اٿس ۽ وري پنهنجي زندگي، سفر توڙي حضر ۾ جيئن گذاري، تيئن بي حجاب درج ڪيل آهي، جنهن مان غلاميءَ جي دور جي حالتن جو نقشو خوب چٽيو اٿس.

اسان جي معاشري ۾ عورت اڃا بہ گهٽ ۽ پٺتي پيل آهي، جنهن ۾ خود اسان جي مائرن جو وڏي ڀاڱي قصور آهي. اميد آهي تہ هن ڪهاڻيءَ مان ڪين سبق حاصل ٿيندو.

❊❊❊

هن ڪهاڻيءَ جو سلسلو ماهنامي "اديون" جي پهرئين پرچي جون 1965ع کان شروع ٿيو ۽ قسطوار جاري رهيو. انهيءَ دوران پڙهندڙن جو اصرار هو تہ ان کي ڪتابي صورت ۾ آندو وڃي ۽ سنڌي ادبي سوسائٽي انهيءَ تجويز کي پنهنجي پروگرام ۾ داخل ڪري ڇڏيو هو مگر جيئن تہ سوسائٽي جي ڪارڪردگي ۾ وقتي پئجي وئي، انهيءَ ڪري هن ڪتاب کي ڇپائڻ ۾ ايڏي دير ٿي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ آتم ڪهاڻيون، سفرناما، خاڪا ۽ ڊائريون، اهڙين لکڻين جي اٿاڻ آهي.

هن تحرير کي آتم ڪهاڻي يا سفرنامو يا وري ڊائري بہ چئي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ جو مرحيات پنهنجي زندگيءَ جا واقعا جيئن مٿس گذريا، تن کي سادگي ۽ سچائيءَ سان بيان ڪندي وئي آهي، جنهن مان گذريل اڌ صديءَ کان بہ مٿي جي سياسي، اقتصادي، سماجي ۽ تهذيبي حالتن جي پروڙ پوي

ٿي. خاص ڪري هندستان جي هندن ۽ مسلمانن جي رهڻ سهڻ ۾ فرق جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. زماني سان گڏ هندن جي ڇوت ڇات ۽ تنگ نظريءَ ۾ وڏو انقلاب آيو آهي.

انهيءَ دور جي نومسلم خاتون جنهن کي چوديواريءَ اندر پرورش ملي ۽ سواءِ ديني تعليم جي بيو باهر جو واءُ خير ڪو لڳو تنهن دور دراز سفر جي دوران وقت پوڻ تي جيڪي ڪجهه ڪري ڏيکاريو سو بين لاءِ مثالي ثابت ٿيو.

اڄ بہ اسان جي سنڌي معاشري ۾ جتي اڃا پردي جي پابندي ڪري عورت کي جاهل رکيو ويو آهي، تن کي هن آپ بيتيءَ مان چڱو سبق حاصل ٿيندن.

پنهنجي اصل نسل جي معلومات حاصل ڪرڻ جي فطري تجسس، وري سنگت سات جي سوالن اسان کي ننڍپڻ کان ئي اها عادت وڌي جو هميشہ والده کان پيا جواب طلب ڪندا هئاسين ۽ مرهيات ماضيءَ جي واقعات کي ٻڌائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندي هئي. خاندان ۾ داخل ٿيندڙ شخص بہ ساڳي طرح اها معلومات حاصل ڪندا رهيا.

جڏهن مرحوم شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽي کي هن ڪهاڻيءَ جي ڪجهه حصي ٻڌڻ جو پهريون موقعو مليو تہ بروقت تاڪيد ڪيائين تہ اهڙي ڪٿا کي ضرور قلمبند ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو انهيءَ کي پنهنجي تاريخي ۽ سماجي حيثيت آهي، جنهن جي اڃا بين کي ڪل ئي ڪانہ پئي آهي.

هن ڪهاڻيءَ کي اوهان آڏو پيش ڪرڻ ۾ بہ مرحوم ومغفور ڊاڪٽر دائود پوٽي جي تجويز کي عملي جامو پهرايو اٿئون. اميد تہ سنڌي ادبي سوسائٽي، جنهن جا پاڻ باني هئا ۽ جا سندن ياد ۾ جاري رهي آهي، انهيءَ جا باقي رهيل پروگرام ماضي قريب ۾ عوام آڏو ايندا رهندا.

# امان شيخياڻي غلام فاطمہ

تازو ديس کان هيءَ ڏکوئيندڙ خبر پرڏيھ ۾ اڏامي اچي پهتي تہ "اديون" جي جيجل 13 اپريل 1981ع تي الله کي پياري ٿي وئي.

انا لله وانا اليه راجعون!

مرهيات جا سلسليوار مضمون "اسان جي تاريخ جو وساريل ورق" جي عنوان سان اديون جي اوائلي جلدن جو سينگار بڻيل آهن.

مرحومہ ساري زندگي پنهنجن توڙي پراون جي شيوا ۾ گذاري، پاڻ جيئن تہ طبيہ ڪاليج دهليءَ جي سند يافتہ مدوائيف هيون، انهيءَ ڪري بہ آڏي مانجهي زالن جي اڙانگي وقت تي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار رهيون ۽ پاڙيسري ڪين بجا طور پنهنجو سرپرست ليکيندا هئا.

حقيقت ۾ مرحومہ پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن هئي. هندستان جي ورهاڱي مهل مهاجرن جو سيلاب جهڙو سنڌ تي آيو اهڙو شايد ئي ڪٿي آيو هجي. سنڌين وڏي دل سان ڏتڙيلن کي آجهو ۽ سهارو ڏنو. پڄندي آهر تن من ۽ ڌن سان مدد ڪيائون. انهيءَ جرجلي وقت هن جفاڪش خاتون بلڪ سندس ساري ڪٽنب، رات ڏينهن هڪ ڪري انصار بڻجي بيٺا.

امان شيخياڻي ۽ سندس رفيق حيات ڊاڪٽر شيخ شمس الدين صاحب ان وقت ليڊي ڊفرن اسپتال جي سامهون هڪ ويم گهر ۽ ان سان بيوه گهر قائم ڪري ڏتڙيل عورتن ۽ لاوارث ٻارن جي علاج ۽ تيمارداريءَ کي لڳي ويا. شهر جون سنڌي خواتين رضاڪار بہ ٻانهن ٻيلي هيون. سندن پنهنجي نياڻي ڊاڪٽر آمنہ خاتون اسپتال جو سارو ڪم سنڀاليو.

ٽُرت پنهنجي ئي پاڙي ۾ اسٽيشن روڊ تي هندن جو ڇڏيل اسڪول هٿ ڪري، مهاجرن جي نياڻين جي تعليم لاءِ اسڪول جو بنياد وڌائين. جيڪو

گذريل 34 سالن ۾ سندس اڻ ٿڪ ڪوشش سان وڏي هاءِ اسڪول جي حد تي پهتل آهي.

ٿي سال اڳ 16 اپريل 1978ع تي سندن مويي پٽ ڊاڪٽر شيخ ضياءَ الدين جي رحلت جي صدمي کين جهوري وڌو هو جنهن کان پوءِ ضعيفيءَ ڪري گهر ۾ ئي وقت گذرندو هون، پر وٽن سدائين پاڙي وارن جي ورونهن رهي. پنهنجي دسترخوان تان جيسين چونگي پاڙي ۾ هٿ سان نه موڪليندين، تيسين پاڻ نه کائيندي هيون. کائڻ کان وڌيڪ کارائڻ مان مزو ملندو هون. اهو سندن نيم آخردم تائين برقرار رهيو.

آمان شيخياڻي جنهن به محفل ۾ موجود هوندي هئي ته سندس گفتگو سيني جي توجهه جو مرڪز هوندي هئي. سندس هم جليس کين مجلس جو مور سڏيندي هيون.

ساري زندگي سفر توڙي حضر ۾ وڏي عزت ۽ احترام جو مقام ماڻيائين. سندن نيڪ نيتيءَ جي طفيل الله تعاليٰ کين اندر جو آرام عطا ڪيو هو.

پچاڙي ۾ "اديون" جي سٽ سان دست بدعا آهيون ته شال الله سائين مرحومه تي مغفرت ڪري ۽ پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جاءِ ڏي ۽ سندن عيال ۽ عقيدتمندن کي صبرِ عظيم عطا ڪري ۽ اسان کي توفيق ڏي ته سندن قدمن جي اوٽ تي هلي، انسان ذات جي خدمت ڪريون ۽ نئين نسل کي نيڪ تربيت ڏئي سگهون. جهڙو مثال اسان لاءِ پاڻ پويان ڇڏي رب ڏي راهي ٿي آهي.

"بنا کردن کہ خوش رسمي بہ خون وخاک غلطيدن
خدا رحمت کنند اين عاشقانِ پاک طينت را"

در شهوار

[ماهنامه "اديون" ڪراچي، جلد18 آگسٽ – سيپٽمبر 1981ع، شمارو 8_9]

# تعارفي لفظ

تاريخ هميشہ دلچسپ اهڙو ئي رهيو آهي ۽ ان ڪري ڪتابن جي ورق گرداني ڪندڙن مان اڪثريت جو مشغلو. ان جو مکيہ ڪارڻ هي آهي جو تاريخ جو واسطو ۽ واهپو سڌيءَ طرح ماڻهن جي روز مره ڪارڪردگي، خصوصًا زندگيءَ جي عملي پهلوءَ سان پئي رهيو آهي. ڪيتي ڪان ويندي ملڪي ۽ سياسي حڪمت عمليءَ تائين – پوءِ اهو انفرادي هجي يا اجتماعي. تاريخ جو مطالعو ڄڻ تہ، پنهنجو عملي عڪس سامهون رکڻو آهي، جهڙوڪ ماڻهو پاڻ کي آئيني ۾ ويٺو ڏسي. ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ تاريخ کي پڙهڻ ڄڻ تہ انسان کي پنهنجي ذاتي احوال تي ٻيهر نظر وجهڻ جي برابر آهي ۽ پاڻ کي سمجهڻ جي ڪوشش آهي. حضرت علي ڪرم الله وجهه جو قول آهي تہ: من عرف نفسه فقد عرف ربه. يعني جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. سڃاڻڻ جي اها ڪوشش، تاريخ ڏانهن راغب ڪندي رهي آهي ۽ دلچسپي جو ڪارڻ پڻ.

ليڪن انساني رهنمائيءَ لاءِ تاريخ جو سچو هجڻ ضروري آهي. اسان جي هن خطي ۾، تاريخ جي رڪارڊ سان وڏي هٿ چراند ٿي آهي ۽ ڪن مخصوص مفادات جي حصول خاطر، تاريخي واقعن ۽ وارداتن سان ويل وهايا ويا آهن ۽ تبديليون پئي ڪيون ويون آهن ۽ خاص رنگ ۾ رنگيو پئي ويو آهي. آزاديءَ کان اڳ هن خطي جا حاڪم انگريز هئا. سنڌ اهو علائقو هو جيڪو سڀ کان آخر ۾، هندستان جو حصو بڻايو ويو هو. اها بہ حقيقت رڪارڊ تي آهي تہ هي صوبو پهريون علائقو هو جتي اسلام جي روشني پهتي هئي. اهڙيءَ طرح گويا سنڌ صوبو اسلامي تشخص جو سڀ کان وڏيڪ عرصو ماڻي چڪو آهي، جنهن جي معنيٰ اها ٿي تہ اسان جي هن صوبي کي اهو فخر حاصل آهي تہ هتي اسلام جي صحيح سوچ پروان چڙهي ۽ هتي جي ماڻهن جي زندگي ۽ روايتن تي جيڪو رنگ چڙهيو هوندو سو اسلامي ئي ٿي سگهي ٿو.

فاتح جتي بہ پهتو اتي هن مفتوح جي سوچ تي اثر انداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. حاڪمن، هميشہ محڪوم تي معاملات ۾ مرادن ڪي مڙهڻ جي ڪوشش ورتي. هن خطي ۾ بہ ائين ٿيندو رهيو. آخر ۾ انگريز آيا. هنن بہ ڪين گهٽايو. سنڌ جي ميرن ساڻن چڱي ويڙهہ ڪئي، پر ماڻهن ڪي گمراهہ ڪرڻ جي ارادي سان، نون حاڪمن، تاريخي واقعن ڪي مهٽي مروڙي پيش ڪيو ۽ اهو تاريخي مواد غلط شڪل ۾ اسان جي آڏو ڪافي عرصو رهيو. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو ڪجهہ عرصي کان اهو احساس پيدا ٿيو آهي تہ اسان جي تاريخ ۾ جاڻي واڻي داخل ڪيل غلط ڳالهيون صحيح ڪيون وڃن ۽ حالات ۽ وڏن واقعن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري، ڪوڙ کي ڪڍي، سچ کي سامهون آندو وڃي. ان ڏس ۾ ڪجهہ ڪاميابي بہ ٿي آهي، ليڪن اجا گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي.

پر جنهن ڳالهہ تي، افسوس ٿئي ٿو سا هيءَ آهي تہ اسان جي تاريخ جي زنجير جون ڪيتريون ئي ڪڙيون ڪريل آهن. انهن کي هٿ ڪري ملائڻ ۽ تسلسل پيدا ڪرڻ طرف توجہ ڪونہ ڏنو ويو آهي. ان سلسلي ۾ اسان پڙهيل ماڻهن تي وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي. آخر وڃايل ورثو اسان جي تاريخ جو حصو آهي – هن صوبي جي ماڻهن جي جدوجهد جو جُز آهي، ان کي رڪارڊ تي آڻڻ تمام ضروري آهي.

تاريخ جي اهڙن وساريل ورقن جو مواد سڄي سنڌ ۾ ٽڙيو پکڙيو پيو آهي. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ گهرجن. هن احساس جو اظهار ڪيترا ئي سال اڳ، سنڌ جي سڄڻ، عالم ۽ اديب مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي، هڪ فڪر انگيز ۽ درد ڀرئي مضمون ۾ هن طرح ڪيو هو:

"........ هينئر بہ جيڪڏهن ڪوشش ٿئي ۽ هرهڪ ننڍو وڏو پڪو پهہ ڪري، پنهنجي اباڻي ميراث لاءِ واجهہ وجهي، تہ هوند تاريخ ۽ علم ادب جو چڱو سرمايو موجود ٿي پوي، اجا بہ ويل نہ وئي آهي: ڪنهن نہ ڪنهن قبيلي ۾ وڏا حيات هوندا، جن وٽان وڏن جا سخن سکڻ گهرجن. جيڪڏهن وڌيڪ غفلت ڪئي سون ۽ وڏڙا سفر سڌاري ويا، تہ پوءِ ارمان ۽ پڇتاءَ جون ڙريون مهٽيون پونديون."

ان وچ ۾ نہ معلوم ڪيترا ئي معلومات جا مرڪز اجڙي ويا ۽ وڏڙا سفر

سڏاري ويا. ڪيتري ڪوشش ٿي ۽ ڪيترو مواد هٿ ڪيو ويو؟ ان بابت تہ وقت ئي ٻڌائيندو پر يقينًا هن ڪم جي نوعيت ۽ اهميت مطابق ڪوشش ڪانہ ٿي ڏسجي. هيڪڙ ٻيڪڙ ڪوشش ضرور ٿي ۽ ان جو ثبوت هي ننڍڙو ڪتابچو "سنڌ جي تاريخ جو هڪ وساريل ورق" بہ فراهم ڪري ٿو ۽ عجيب اتفاق ڇئجي جو ان ڪوشش بہ مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي جي گهر ۾ جنم ورتو. اهو ڪيئن ٿيو؟ ان جو ذڪر بعد ۾ ڪندس.

في الحال هي ٻڌائڻ ضروري آهي تہ هن ڪتابچي ۾ ٻن اهم ڳالهين جو بيان آهي. اها تہ سيني کي خبر آهي تہ اسان مان اڪثريت کي پنهنجو مذهب ورثي ۾ مليو آهي، يعني اسان مسلمانن جي گهر ۾ پيدا ٿياسين، تنهن ڪري مسلمان رهياسين. ان ۾ اسان جي ذاتي محنت ۽ جدوجهد جو ڪو پهلو شامل نہ آهي. مذهب تہ انهن جو چئبو جن هڪ ٻئي سماج ۾ ڄمڻ ۾ رهندي، هڪ نئين بلڪ متصادم خيال کان متاثر ٿيندي، مخالفت جي ماحول مان لنگهندي، مٽن مائٽن کان منهن موڙيندي، سڪين ستابن ڏينهن کي الوداع چوندي ۽ بک ۽ بيحالي جي باهہ ۾ تپندي، اختيار ڪيو هجي. اهڙو ئي هڪ دل ڏاريندڙ ليڪن روح پرور نظارو اڻويهين صدي جي پڇاڙيءَ ۾، حيدرآباد جي عامل هندو خاندانن ۾ ڏسڻ ۾ آيو هو — جنهن هڪ مضبوط معاشري کي لوڏي ڇڏيو ۽ اسلام جي حقانيت هندن جي هڪ ٽولي کي متاثر ڪندي، عشق جي امتحان ۾ آڻي بيهاريو. "مڙيا مچ هزار ياڳا ٿيندي سهڻي" واري ڪار هئي، پر مخالفت ۽ زوربار جي باوجود، هنن سچ جي سوداگرن پوئتي پير نہ وڌو ۽ بنا ترهي جي تار تري ويا. شاهہ ڀٽائي رحہ ڪهڙو نہ خوب چيو:

گهڙيا سي چڙهيا، ائين اٿيئي
مئي متي مهراڻ ۾، پئو ٽپو ڏيئي
ميهار مليئي، سنيوڙو سيڻاهہ سين

هن ڪتابچي ۾، ان اهم واقعي ۾ ملوث ماڻهن جي جدوجهد ۽ قربانين جو احوال آهي ۽ اهو بہ ڪنهن جو ٻڌايل؟ انهن واقعن ۽ وارداتن جي راوي هڪ اهڙي عورت آهي، جنهن اهو سڄو سورن جو سمنڊ، اکين اڳيان لنگهندي ڏٺو جيڪا خود پاڻ هن برهہ جي باهہ مان تپي ۽ ٺوَ مان پچي. جنهن پنهنجي پيءُ کي جبل وانگر پُرعزم ڏٺو ۽ ان حيدرآباد ۾ وسندڙ آسودن مائٽن جي وچ ۾ ٻُکون ڪاٽيون. ان کان زياده مستند احوال ٻيو ڪهڙو ٿي

نياڻي فاطمہ (هن ڪتابچي جي ليکڪا) جي شادي مرحوم ڊاڪٽر شمس الدين شيخ سان ڪرائي، جنهن مان مرحوم ڊاڪٽر ضياء الدين، محترم سعيد احمد شيخ، محترمہ مريم آخوند، محترمہ عائشہ شيخ، محترمہ خديجہ دائود پوٽو محترمہ آمنہ شيخ ۽ محترمہ ڊاڪٽر سعيده پيدا ٿيا ۽ جيڪي هينئر پنهنجي اولاد سان حال حيات آهن.

حقيقت هيءَ آهي تہ جنهن همت ۽ دليريءَ سان، مرحومہ فاطمہ شيخ سندس رفيق حيات سان، مٿي ذڪر ڪيل پرڏيهي سفر دوران ڏکيا ۽ سکيا ڏينهن گذاريا، انهن هڪ عجيب ڪهاڻيءَ کي جنم ڏنو آهي ۽ اهي هڪ سنڌي عورت لاءِ باعثِ فخر ۽ مسرت آهن. ان سفر ۾ پنهنجي مڙس جو رزق ڪمائڻ ۾ مرحومہ هٿ ونايو ۽ ان لاءِ ڪيترا ئي هُنر سکيا. اهو سندس تربيت ۽ تعليم جو ئي اثر آهي، جو مرحومہ محترمہ جي مڙني پٽن ۽ نياڻين وقت آهر، بهترين تعليم ورتي ۽ عزت جي زندگي بسر ڪئي. مرحومہ جي سموري زندگي ۽ انمول اصول، سنڌ جي نياڻين لاءِ قابلِ تقليد آهن ۽ هي ڪتابچو پڙهڻ وٽان آهي، ڇاڪاڻ تہ سچن واقعن ۽ نصيحت ڀريل سبقن سان مزين آهي. مون کي يقين آهي تہ هي ننڍو ڪتابچو جيڪو افسوس تہ اڻپورو رهجي ويو، سنڌي عورتن خصوصًا نياڻين ۾ زندگيءَ جو حقيقي ولولو ۽ جوش جذبو پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجي ۽ انهن ۾ عزت ڀري زندگيءَ لاءِ تمنا، تڙپ، جوش ۽ خوداعتمادي پيدا ڪري سگهي ٿو.

**عزيز الرحمن بگهيو**

ابوظهبي

18 آڪٽوبر 1982ع

# اسان جي تاريخ جو هڪ وساريل ورق

هن وساريل واڪاڻ کي دوباره دل جي آئيني تي آڻڻ لاءِ درحقيقت "اديون" زميدار آهي، جنهن ۾ اڪثر اهڙا مضمون پڙهندا رهنداسين، جن ۾ پراڻين يادگيرين کي دخل آهي. اُهي يا تہ شخصي تاثرات تي مشتمل هوندا، يا تہ بُڌل واقعن کي قلمبند ڪيو ويندو. انهن جي افاديت کان ڪوبہ انڪار نٿو ڪري سگهي، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ نئين ٽهيءَ لاءِ سوين سبق هوندا آهن. منهنجي خيال ۾ ماضيءَ جون اهڙيون ڳالهيون ۽ واقعا پوين لاءِ لکت ۾ چڙهڻ ضروري آهن، جن ۾ اخلاقي اعتبار کان قربانيءَ جا ڪارناما، محنت جا معجزا، سچائيءَ جا سخن، شرافت جا شاهڪار ۽ همدرديءَ جا حادثا رونما ٿيا هجن، جن کي جيڪڏهن زوردار بيان ۾ لکيو وڃي تہ اهي پڙهندڙن، خاص ڪري نندڙن ٻارن جي دلين تي ذهن نشين ٿي سگهن ٿا ۽ انهن جي انيڪ ستل خوبين کي اڀارڻ جو ڪم ڏئي سگهن ٿا. اسان کي موجوده دور ۾ تہ اهڙين ڳالهين پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي زياده ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان جا ٻار ماديت پسنديءَ ۾ حد کان زياده مبتلا ٿي رهيا آهن ۽ اخلاقيات جي الف کان بہ اڻ ڄاڻ آهن.

هيءَ تہ حقيقت آهي تہ هر قوم ۾ ڪجهہ وقت جي وقفي کان پوءِ، زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ اهڙا مرد مجاهد پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن پنهنجن غير معمولي ڪارنامن سان، انساني قدرن کي تازو پٺي ڪيو آهي. انهن جي زندگي ۽ ڪارگذارين پڙهڻ سان ستل جذبن ۾ نئين زندگي پيدا ٿي پوي ۽ زندگيءَ جي واٽ ۾ همت هاريل بہ اميد ۾ اٿي کڙا ٿين ٿا. اهڙي طرح هنن هستين جون حياتيون، مُنجهيل ماڻهن لاءِ ڄڻ تہ رستي تي کوڙيل پٿر آهن، جيڪي دور دور تائين رستي جي رُخ جو پتو ڏين ٿا. اهڙي طرح انساني رهبريءَ لاءِ پڻ اهو ضروري ٿيو پوي تہ ماضيءَ جي شاندار واقعن ۽ ڪارنامن کي قلمبند ڪجي.

اهڙن تاثرات جي پڙهڻ، مون کي پڻ ماضيءَ جي ڪن واقعن لکڻ تي

سگهي ٿو؛ هڪڙي اهم ڳالهه هن ڪتابچي جي اها آهي.

ٻي ڳالهه جنهن هن ڪتابچي جي اهميت ۾ اضافو ڪيو آهي، سا هيءَ آهي ته هي واقعو پنهنجي نوعيت وارو ته هو پر اها پر ساڳي محترمه مرحومه سنڌ جي اها پهرين مسلمان عورت هئي، جنهن کي پهرين مهاڀاري جنگ واري زماني ۾ پرڏيهه جو هڪ ڊگهو سفر نصيب ٿيو. ان سفر جو ڪارڻ به قرباني ۽ تڪليف ۾ انسانن جي خدمت ڪرڻ وارا نيڪ جذبا بڻيا. جنگ جي نتيجي ۾ مشرق وسطيٰ جي علائقي ۾ باهه جا اُلا ڪريا هئا ۽ زخمين جي سنڀال ۽ علاج لاءِ ڊاڪٽرن جي ضرورت هئي. ان نيڪيءَ ۾ حصي وٺڻ لاءِ مرحوم ڊاڪٽر شمس الدين تيار ٿي ويو ۽ سندس اهليه به هڪ مخلص رفيقه حيات واري واٽ ورتي. اهڙيءَ طرح اهو سفر اختيار ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ سعودي عرب، شام، لبنان ۽ ترڪيءَ ۾ رهڻ جو موقعو مليَن.

ان اهم واقعي جي راوي ۽ ڏورانهن ديسن جي سفر تي اسهڻ واري عورت، مرحومه محترمه حاجاڻي فاطمه شيخ هئي، جنهن هن سنڌ جي تاريخ جي وساريل ورق کي هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو. مرحومه فاطمه شيخ جو انتقال 13 اپريل 1981ع تي 94 سالن جي عمر ۾ ٿيو.

انا لله وانا اليه راجعون!

هڪ پهاڪي موجب "ويسر علم جي دشمن آهي" جنهن جي معنيٰ ٿي ته "يادگيري علم جي دوست آهي." هن محترمه خاتون جي يادگيريءَ جو هي عالم هو جو موت کان فقط ٻه سال کن اڳ ان جو ساٿ ڇڏيائين، ورنه آخري عمر تائين، زندگيءَ جو هر واقعو حرف بحرف دل جي ڦرهيءَ تي لکي ڇڏيو هئائين. پاڻ ڪا گهڻو پڙهيل ڪانه هئي، پر ان غضب جي ياداشت ڪيس هڪ عالم جي حيثيت ڏئي ڇڏي هئي. پر پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن هئي. هڪ عجيب وغريب انسان هئي. جڏهن ڪوبه پراڻو واقعو بيان ڪندي هئي ته ٻڌندڙ پاڻ کي مجبور محسوس ڪندو هو ته اهو پورو ٻڌي ۽ هو نهايت متاثر ٿي اٿندو هو.

مون کي خوشي آهي ته هنن يادگيرين کي، تحرير ۾ آڻڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ٿيون، انهن ۾ منهنجو به حصو آهي. اهو هيئن ته مرحومه جي انهن احوالن کي نقل ڪرڻ لاءِ، پنهنجون خدمتون آڇيندو رهيس، جن هٺي وڃي هنڌ ڪيو ۽ آخر ان ڊگهي قصي کي قسطوار ٻڌائڻ لاءِ آماده ٿي پئي، جيڪو

سياري جي ڪيترين راتين تي مشتمل هو.

هيءَ 1960ع جي ڳالهہ آهي، جڏهن مان مرحوم ومغفور ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جن جي ڪراچي ۾ گارڊن ايسٽ واري گهر ۾ رهندو هوس ۽ مرحومہ محترمہ فاطمہ شيخ، سندس نياڻي بيگم خديجہ خانم دائود پوٽي سان اڪثر ملڻ ايندي هئي. مون کي انهن دلچسپ تاريخي واقعن جي ٻڌڻ جو موقعو اتي مليو ۽ جيئن عرض ڪري چڪو آهيان تہ اتي ئي نوٽ ڪندو هوس، جن کي بعد ۾ مرحومہ جي رهنمائيءَ ۾ مضمونن جي شڪل ڏني ويندي هئي ۽ ماهوار "نئين زندگي" جي صفحن جي زينت بڻيا هئا. بعد ۾ هي مضمون ماهوار "اديون" ۾ بہ ڇپيا هئا. اهڙيءَ طرح گويا، جيئن مٿي ٻڌائي چڪو آهيان، هن تاريخي ڪتابچي ڊاڪٽر مرحوم جي گهر ۾ جنم ورتو.

مرحومہ محترمہ فاطمہ شيخ، سنڌ جي هڪ برگزيده شخصيت مرحوم شيخ عبدالرحيم (رحہ) جي نياڻي هئي، جنهن اسلام جي سچائيءَ کان متاثر ٿيندي بغاوت جو عَلم بلند ڪيو هو. جنهن عزم سان هن ڪٺن وقت جو مقابلو ڪيو اهو ڏيکاري ٿو تہ شيخ صاحب مرحوم جو ايمان نهايت راسخ هو ۽ هو سچو مؤمن هو. نہ رڳو پاڻ مسلمان ٿيو پر شيخ صاحب ڪيترن ئي نوجوان هندن کي اسلام اختيار ڪرڻ تي آماده ڪيو. اهو سمورو احوال هن ڪتابچي ۾ ڏنل آهي. مذهب جي ان مانداڻ کان علاوه، شيخ صاحب مرحوم جو شمار ان وقت جي اهم سياسي شخصيتن ۾ پڻ ٿئي ٿو. شيخ الهند مولانا محمود الحسن، جيڪو ان وقت پنهنجن دوستن، رفيقن ۽ شاگردن سميت انگريز حاڪمن جي خلاف لڙي رهيو هو ان سان شيخ مرحوم ساٿ ڏنو. هو مرحوم مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان ريشمي رومال تحريڪ ۾ برابر جو شريڪ هو ۽ آخري دم تائين ڌارين حاڪمن سان وڙهندو رهيو. اهو سندن ئي ڪوششن جو نتيجو هو جو وڏي تعداد ۾ هندو نوجوان مسلمان ٿيا، جن ۾ مرحوم شيخ عبدالمجيد سنڌي، مرحوم شيخ ڊاڪٽر شمس الدين ۽ مرحوم شيخ عبدالعزيز قنڌاريءَ جهڙا اهم شخص بہ شامل آهن. سياست بہ هن خاندان کي ڪا ورثي ۾ مليل تي ڏسجي. شيخ صاحب وانگر سندس پاءُ آچاريہ ڪرپلاڻي سياست ۾ وڏو نالو ڪڍيو. هندستان جي نيشنل ڪانگريس سان وابستہ رهيو ۽ پاڪستان ٺهڻ واري زماني جي لڳ ڀڳ ان جو صدر رهيو. تازو سندس انتقال ٿيو. بعد ۾ شيخ صاحب مرحوم پنهنجي

مجبور ڪيو آهي، جيڪي تاريخي دلچسپيءَ سان گڏوگڏ ڪيترن سبقن جو باعث ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪان سواءِ انهن کي قلمبند ڪرڻ مون ان ڪري بہ زياده اهم سمجهيو ڇو تہ مون کي خبر آهي تہ پنهنجي خاندان ۾ منهنجي عمر جو ٻيو ڪو فرد نہ رهيو آهي، جنهن کي انهن جي ايتري ڇنڊڇاڻ سان خبر هجي، جيتري مون کي آهي. سچ پڇو تہ پنهنجي اڪثر رفيقن کي راهہ رمندو ڏسي، ائين چوڻ تي مجبور آهيان تہ:

آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
هو جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

مان هتي جن واقعن کي پڙهندڙن آڏو آڻڻ چاهيان ٿي، انهن جو تعلق اسلام جي ان هلچل سان آهي، جا اٽڪل 90 سال اڳ، حيدرآباد جي شهر ۾ رونما ٿي ۽ جنهن هن فضا ۾ عجيب وغريب تبديليون آنديون. اسلام جي ان عجيب اثر عاملن، ديوانن جي دلين کي ديوانو ڪري ڇڏيو ۽ سڌو سنئون سچائيءَ جي سمنڊ ۾، عام انساني محبت جي موج اهڙيون ڇوهہ سان ڇوليون هنيون جو ان جا ڇنڊا افغانستان تائين پهتا ۽ ڪيترن سالن تائين وقت تي واٽون ڪري وهي هليا. اسلام جي ان تيز طوفان ڪيترا ڪوٽ ڪيرايا ۽ انساني اخوت جي جاذب جذبي مرحوم شيخ عبدالرحيم، مرحوم شيخ محمد يعقوب، مرحوم شيخ نور محمد ۽ مرحوم شيخ شمس الدين جي شخصيتن جي شڪل ۾ محبتن جا مينار کڙا ڪيا.

حيدرآباد جي هندن ۾ آڏواڻي ۽ ڪرپالاڻي خاندانن جا نالا تہ سڀ ڪنهن ٻڌا هوندا. (هندوستان جي سياسي شخصيت اچاريہ ڪرپالاڻي، جو هندوستان جي سياست ۾ اهم شخصيت آهي، اهو منهنجو چاچو آهي) هنن جون عادتون، رهڻي ڪهڻي مشهور ۽ مقبول هيون. واپار ۽ نوڪرين ۾ وڏا وڏا عهدا ماڻي چڪا هئا ۽ علم ۽ تهذيب ۾ برک هئا. خوش خلقي ۽ همدرديءَ ۾ سڄي سنڌ ۾ هندن جهڙو ڪو ورلي ملي. ڪيترين خوبين جا مالڪ هئا. هو خوشحال ۽ سخي هئا. هندو هئڻ جي باوجود هنن جا اعتقاد ۽ خيال وٽندڙ هئا. جهڙوڪ هو شراب کي ويجهو نہ ويندا هئا. صوفياڻي زندگيءَ جو طريقو پسند ڪندا هئا ۽ انهن مان اڪثر موحد هئا. اهڙن عقيدن رکڻ ڪري، هنن ۾ ڪيترا هندو اسلام جي خوبين کان متاثر ٿيل هئا. ليڪن مٿي ماڻٽي، زندگي جي سڪيائي ۽ هندن جو اثر سندن رستي ۾ حائل رهيا. جنهن ڪري

ظاهر ظهور پاڻ کي مسلمان چورائڻ کان ڪيٻائيندا هئا. اهڙو وقت بہ آيو جو منهنجي والد مرحوم انهن ڳالهين جي پرواهہ نہ ڪندي، هندن جي وچ مخالفت ۾ ظاهر ٿي اسلام جو نعرو هنيو. اهڙي طرح گويا، هن هلچل جي اڳواڻي منهنجي پيءُ ڪئي ۽ انڪري ڪيترين ئي انداز تڪليفن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيس. منهنجي پيءُ جي مستقل مزاجي دراصل ان تحريڪ ۾ ڪاميابي آندي ۽ ڪيترن ڏيچو هندن کي پڌري پٽ مسلمانن جي صف ۾ آندائين، جيڪي اهڙي قدم کڻڻ کان گويا ڪائيندا هئا. سندس اسلام سان محبت جو مثال تہ شاهہ جي هن بيت سان ٺهڪي اچي ٿو تہ:

تو جي سڪڻ سکيو تہ ڪاتيءَ پئي مَ ڪنجهہ،
سپريان جي سور جو ماڻهن ڏج نہ منجهہ،
اندر ايءَ اهنج، سانديج سڪائون ڪري

"جيئن ٿڌ، تيئن وڌ" واري چوڻيءَ جيان، جيئن هندن جي سخت مخالفت تيئن سندس زياده جرئتمندانہ قدم اسلامي سچائي سندن سيني ۾ اهڙي نقش ٿي ويئي هئي، جو سندس زبان ۾ نادر نموني جو ميناج پيدا ٿي پيو هو. هڪ دفعو ڪير سندس ڳالهہ ٻڌي، بس سوگهو ٿيو. ان ڪري هندو پنهنجن ٻارن کي هن سان ڳالهائڻ جي اجازت نہ ڏيندا هئا.

ڪرپالاڻي ڪٽنب ۾ ديوان ڀڳونداس کي مکيہ حيثيت حاصل هئي. کيس ست پُٽ هئا، جن جا نالا هن ريت آهن: ٺاڪرداس، ڏيئو مل، ورو مل، هاسو مل، نانڪ مل، جيوت (جيڪو هاڻي جي آچاريہ ڪرپالاڻي جي نالي سان هندستان جي سياست ۾ مشهور آهي) ۽ ڪشنو مل. ڏيئو مل منهنجي پيءُ جو نالو آهي، جيڪو مسلمان ٿيڻ کان پوءِ شيخ عبدالرحيم رحہ جي ناميارئ نالي سان سڏجڻ لڳو.

بابو (مرحوم شيخ عبدالرحيم) اسلام جي خوبين کان ننڍپڻ ۾ ئي متاثر ٿيو هو. هڪڙي ڏينهن دهليءَ کان هڪ بزرگ عالم حيدرآباد شهر ۾ آيو ۽ ائن ڏينهن تائين اتي رهيو. انهن ڏينهن ۾ بابي جي هڪ لوهر محمد بچل تيوري نالي سان گهڻي گهرائپ هئي. هن شخص کي بہ پُٽ هئا. سندس عبدالڪريم سان گهاٽي دوستي ٿي وئي، جنهن سان گهڻو گڏ گهمندا هئا. هڪ رات پنهنجي دوست عبدالڪريم جي چوڻ تي ان مٿئين عالم جو وعظ ٻڌڻ ويا، جتي سندس دل تي سچائيءَ جا نشان ڄمي ويا ۽ حقيقت جي ڳولا

ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيائين. ان ڪان پوءِ ساڳئي عالم جي موجودگيءَ کي غنيمت ڄاڻنديءِ اٺ ڏينهن لاڳيتو ان ڪان اسلامي اصول، نماز ۽ روزي جون ڳالهيون سکيو.

بابي مرحوم جي شادي 14 ورهين جي عمر ۾ ٿي ۽ ان وقت والده جي عمر 10 سال هئي. چئن سالن جي عرصي کان پوءِ مان ڄايس. اهي هلچل وارا ڏينهن، مون کي چڱيءَ طرح ياد آهن. جڏهن هر طرف مخالفت هئي، ليڪن بابي مرحوم جي منهن تي ڪابہ مايوسي ڪانہ هئي. بابي جي مسلمانيءَ جي چوپچو هلي ۽ اچي عاملن ۾ رولو پيو. هر ڪنهن جي وات اها ئي وائي هئي ۽ ان کي متائڻ لاءِ هر قسم جا حربا هلايا ويا. بابو مرحوم ظاهر ظهور نماز ۽ روزي تي عمل ڪرڻ لڳو. ان جرئتمندانہ قدم ۾ سندس دوست عبدالڪريم جو ساٿس سچو ساٿ رهيو. ان جي مدد سان روزا رکڻ لڳو. اهي ڳالهيون هندن کان لڪل نہ هيون. ڏينهن جو عبدالڪريم جي مدد سان ڪاڏي جون شيون چيلهہ سان ٻڌي گهر ۾ آنديون ويندڊيون هيون ۽ روزي افطار ۽ سحري وقت استعمال ٿينديون هيون. ان عرصي دوران عجيب ڪرامتون رونما ٿيون. ڪاڏي جي خالي ميز تي عجيب ذائقي وارا ڪاڏا ظاهر ٿيندا هئا. جن کي استعمال ۾ آڻبو هو.

هندن ۾ اچي هيبت پيدا ٿي. آخر سيني بابي مرحوم جو پيڇو ڪري کيس عبدالڪريم کان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان سان گڏ گهمڻ ممنوع قرار ڏنو. ديوان هردا رام جو ان وقت ڪنديارِي ۾ مختيارڪار هو اهو تہ هڪ قدم اڳا اڳتي وڌي ويو. ان اها صلاح ڏني تہ بابي مرحوم جي قلب کي خراب ڪرڻ لاءِ، کيس سوئر جو گوشت کارايو وڃي. هن هندوءَ جي اسلامي مخالفت، ٻين کي کيس ابوجهل سڏڻ تي مجبور ڪيو. آخر سوئر جي گوشت جو قيمون ٺهرايو ويو ۽ ان جي تيار ڪرڻ جو بندوبست گهر کان ٻاهر ڪيو ويو تہ جيئن کيس خبر نہ پوي پر چوندا آهن تہ: "جنهن کي رب رکي، تنهن کي ڪير چڪي." ان ڏينهن فجر جي نماز مهل بابي مرحوم هڪ پاڪ تن وارو درويش ڏٺو جنهن کيس چيو تہ: "اڄ تون ڪاڏو نہ کائج." قدرت الله جي اهڙي ٿي جو ان ڏينهن سندس پاءُ ٺاڪرداس جي پاٽيءَ ۾ ٻڏڻ جو واقعو ٿيو جنهن ڪري سڀ هندو ان پريشانيءَ ۾ مبتلا رهيا ۽ سوئر جي گوشت جو قيمون بابي کي کارائي نہ سگهيا ۽ هردا رام جي گهر موٽائي ڏنو ويو.

بابي مرحوم جي دل ۾ اسلام جو عشق ايڏو تہ وڌي ويو جو پاڻ کي دنيوي فرائض کان آزاد سمجهندي، فقط ان فڪر ۾ پاڻ کي رکيو تہ ڪهڙي طرح اسلام جي چاشني ٻين کي چکائجي. رواجي طرح ان عمر ۾ انسان کي گهر گهاٽ ۽ ٻچن ٻارن جي ڳڻتي وٺندي آهي ۽ ان ڪري روزگارن جي ذريعن حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويندو آهي، پر هتي تہ حالتون ئي نراليون هيون. هن وقت تائين ڪيس زال سان گڏ ٻہ نياڻيون بہ پيدا ٿي چڪيون هيون، ليڪن بابي مرحوم کي توڪل جو ترهو هو. هڪ مسلمان وانگر سندس اهو پڪو عقيدو هو تہ جنهن پيدا ڪيو آهي، روزيءَ جو بندوبست بہ اهو ئي ڪندو. ڪيس رات ڏينهن ٻين هندن کي اسلامي ڳالهيون سمجهائڻ ۾ لڳندا هئا. ڪڏهن چوندو هو تہ فلاڻي هندو ڇوڪري مان مون کي اسلام جي خوشبوءِ اچي ٿي، جنهن ڪري ان تائين اسلامي پيغام پهچائڻ منهنجي فرض ۾ شامل آهي. بس اهو خيال پوندي ئي، ان ڪم کي لڳي ويندو هو. هندن جي مخالفت جي، ڪا بہ پرواهہ نہ ڪندو هو.

پهريائين پهريائين بابو مرحوم پنهنجن مذهبي عقيدن جو اظهار پنهنجي ياچائيءَ سان ڪندو هو ۽ نماز وغيره جون ڳالهيون ٻڌي، امان ڪلندي هئي، جا ڳالهہ ڪيس نہ وڻندي هئي. آخر پنهنجي مڙس جي رضامندي خاطر منهنجي ماءُ اسلامي ڳالهيون سکيون. بابي کي رات ڏينهن اچي اهو فڪر لڳو تہ ڪهڙي طرح اسان کي هندن مان ڪڍي. اهي رٿون ڪنهن وچي ناني کي ٻڌايون تہ تنهنجي ڌيءَ کي مسلمان ڪرڻ جي ترڪيبن تي سوچيو پيو وڃي. سو اچي گهر ۾ مانداڻ متو. ناني پنهنجي ڌيءَ کي ڪنٽرو ڪرڻ لاءِ هڪ ڏينهن چا ڪيو جو پنهنجا ڳهہ ڳٺا لاهي ڏنا ۽ چيو تہ هاڻي مان وچي ٻڌيءَ تي مران. والد مرحوم کي اهو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي تہ ان طرح رستو صاف ٿي پوندو. مطلب تہ امان سان سختيون ٿيون. ڪيس گهر جي هڪ ڪوٺيءَ ۾ نظربند رکيو ويو. هڪ ڏينهن ڪيس چٽي موڪلي وئي تہ هاڻي ڪنهن طرح سان ٻاهر نڪر. ان ڪم ۾ بابي سان ٻہ پناڻ اعظم ۽ لال خان شامل هئا. ليڪن اها ڳالهہ ڦاٽي پئي ۽ امان نڪري نہ سگهي. ان ڪان پوءِ بابي کي وري ٻي ترڪيب سمجهہ ۾ آئي. امان کي مردانہ ڪپڙا سبائي ڏنائين تہ اهي پائي ٻاهر نڪري، ليڪن اها ترڪيب بہ ناڪامياب وئي. رات جو امان پنهنجي سس کي ننڊ مان اٿاريو. ان تي بابو مرحوم ڏاڍو ناراض

ٿيو ۽ ڪيس ڇڏڻ جو دڙڪو ڏنو.

هڪ طرف مانداڻ متل هئا تہ وري ٻئي طرف آڏواڻي خاندان ۾ مذهبي معاملن اچي منهن ڪڍيو. مورجمل آڏواڻي ناليرو هندو هو جو پاڻ مسلمان ٿيو. باقي سندس اولاد ۾ گهڻا هندو رهيا. ڪيس چار پٽ هئا، جن جا نالا هن ريت هئا: (1) ميوه رام جو بعد ۾ شيخ محمد صديق ٿيو. (2) گرمکداس جو هندو ئي رهيو ۽ ڊاڪٽر مرحوم شيخ شمس الدين جو پيءُ هو. (3) هاسومل جو هندو رهيو. (4) پونداس جو بعد ۾ شيخ غلام محمد ٿيو. شيخ غلام محمد جو هڪ پٽ ۽ نياڻي زنده آهن. سندس نياڻي، جا منهنجي ڀاڻيجي بہ ٿئي، اها ڪراچيءَ جي مشهور بئريسٽر حسن علي عبدالرحمن جي گهر واري آهي.

سو مون ڳالهہ تي ڪئي تہ بابي مرحوم کي ڀين کي مسلمان ڪرڻ جو اونو رات ڏينهن لڳو پيو هوندو هو. غلام محمد کي بہ صلاح بابي ئي ڏني تہ وڃي متيارين ۾ طهر ڪرائي. ان مقصد لاءِ ان کي متيارين ڏانهن موڪليو ويو. اچي حيدرآباد جي عاملن ۾ ٻڙڌڪ پيو. ڇو تہ هو ان ۾ پنهنجي بي عزتي سمجهن پيا. آخر اها منع ڪيائون تہ ان جي طهر کان پوءِ شهر ۾ سرگس نہ ڪڍي وڃي. والد مرحوم کي هندن جي همت کي پست ڪرڻ لاءِ اهو بهترين موقعو ملي ويو هو. سو ظاهريءَ طرح کين چيائون تہ هو پڇي ويو آهي ۽ مان ڪيس سرگس ڪڍڻ کان روڪيندس. ان کان پوءِ ڇوڪرو جو ظاهر ٿيو ۽ وڏي ڌام ڌوم سان گهوڙي تي بزار ۾ سرگس ڪڍي وئي، جنهن جي اڳواڻي بابي مرحوم ڪئي، ان ڳالهہ تي هندن ۾ ڏاڍو شور پيدا ٿيو. سيئي وٺي مولراج تي ڪاوڙيا ۽ سندس گهر مان سموريون عورتون پنهنجن پنهنجن مائٽن ڏانهن هليون ويون ۽ هو گهر ۾ اڪيلو رهجي ويو. ايتري قدر جو سندس زال بہ ڪيس خيرباد چيو. اهڙو ممڻ متو جو سڄو گهر خالي ٿي ويو ۽ بابو مرحوم امان سان رهڻ لڳو.

انهن ڏينهن ۾ بابي کي جيڪب آباد ۾ نوڪري ملي وئي، جنهن ڪري اوڏانهن روانو ٿيو. نوڪريءَ جي خوشيءَ بہ سندس زال ۽ نياڻين واري ڳڻتيءَ ۾ ڪمي نہ آندي. انهن جي نجات لاءِ ڏينهن رات سوچيندو رهيو. جيڪب آباد جي اسٽيشن تي جڏهن پهتو تڏهن سندس مايوسي وڌي وئي. ننڊ ۾ خواب جي شڪل ۾ اهو خيال ويٺس تہ گمراهہ زندگيءَ کان موت ڀلو آهي، تنهن ڪري ٻنهي نياڻين کي ڇو نہ زهر ڏئي ماري ڇڏجي. جڏهن ديني ۽

جذباتي جوش هن فيصلي تي پهچايس. تڏهن عين ان وقت مرحوم عبدالرحمان سرهندي، جو هڪ ڪامل شخص هو ۽ موجوده سائين هاشم جان جو ڏاڏو هو اهو گاڏيءَ ۾ ظاهر ٿيو ۽ بابي کي ان پريشانيءَ واري حالت ۾ بشارت ڏنائين ته: ”تون جنهن ڳڻتيءَ ۾ مبتلا آهين، اها هميشه لاءِ ختم ٿيڻ واري آهي. اطمينان رک. هيءَ سال تنهنجو سڄو ڪٽنب مسلمان ٿيندو ۽ اهڙيءَ طرح موت کان پوءِ به تو سان گڏ هوندو.“ هن خوشخبريءَ تي بابو مرحوم گهڻو سرهو ٿيو ۽ ان ڏينهن جو انتظار ڪندو رهيو جڏهن کيس اهڙو مڪمل مسلماني ماحول نصيب ٿئي. وقت گذرڻ سان بابي پنهنجون ڪوششون به تيز ڪيون. هيءَ طرف اسلام امان جي دل تي به اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو. اها به هينئر واٽون واجهائڻ لڳي ته ڪهڙيءَ طرح بابي جي مستقل رفاقت ۾ گذاري. عيد جي ڏينهن امان دل ۾ پڪو فيصلو ڪيو ته اڄ مان پاهر نڪرنديس. ان نيت سان پاڻ مٿي ڪوٺيءَ جي ڇت تي وڃي ويٺي ته ڪنهن طرح سان بابي کي پنهنجي نڪرڻ واري ارادي کان آگاهه ڪري. بابي سان ان ڪم ۾ ڪن پناڻن ۽ مقامي مسلمانن جو ساٿ هو. هندن کي اهڙو خطرو هميشه هوندو هو سو هنن سکن جو هڪ گروهه ان مقصد لاءِ رکيو هو ته جيڪڏهن اوچتو ضرورت پئجي وڃي ته سکن جي ذريعي بلوو ڪرايو وڃي. ميان فقير محمد جي پڙ وٽ سکن ۽ پناڻن درميان ”تون چا تون چا“ ٿي. جنهن ۾ پناڻن سکن کي ڌمڪي ڏني. ان کان پوءِ بابي امان ۽ مون کي ساڻ وٺي وڃي حاجي احمد پاتوليءَ جي گهر رهايو جتي مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته مون امان کان پڇيو ته امان! اسان ڪٿي آيا آهيون؟ امان جواب ۾ دلاسو ڏيندي چيو ته اسان مسلمان ٿينداسون. اسان کي هڪ ڪوٺيءَ ۾ رکيو ويو. مان ته هڪ پينگهي ۾ سمهي پيس ۽ بابو ادي نٺيءَ کي کڻي آيو ۽ امان کي ڏيئي پاهر نڪري ويو. ان ڏينهن جو حيدرآباد ۾ گوڙ ٿيو ان جو اندازو لفظن ۾ بيان ڪرڻ مشڪل آهي. هندن، اسان جو پيڇو ڪيو ۽ هر قسم جون ڌمڪيون ڏنيون، ليڪن بابي جي دل تي ڪو پڻ طاري ڪونه هو. ايڏي مخالفت جي وچ ۾ چا ڪيائين جو پنهنجا هندڪا ڪپڙا لاهي مسلمانن جو وڳو پهريائين ۽ وڏي آواز مسجد ۾ آذان ڏئي نماز پڙهڻ لڳو. هندن اچي مسجد ۽ ان گهر کي گهيرو ڪيو جنهن ۾ اسان رهيل هئاسون. هندن جي هن گهيري کان گهر جو مالڪ به ڏڄي ويو ۽ مسجد ۾ وڃي بابي

ڪي منٿون ڪرڻ لڳو ته هاڻي مون کي بچاءِ.

بابو مرحوم مسجد ۾ الله پاڪ کي ياد ڪندو رهيو. سندس پختو يقين هو ته مالڪ جي گهر ۾ امن رهندو ۽ سوچيائين ٿي ته:

"وَتُعِزُّ مَنۡ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنۡ تَشَآءُ ‌ؕ بِيَدِكَ الۡخَيۡرُ‌ ؕ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ."

بابي جي منهن تي سرهائي ڏسي، حاجي احمد پاتولي به سڌيرپ ۾ اچي ويو. ليڪن بابي هن کي زياده تڪليف ڏيڻ نٿي چاهي. جڏهن ڏنائين ته گهڻي رات گذري چڪي آهي ۽ ماڻهو تڪجي واپس هليا ويا آهن، ايتري قدر جو ورو مل ۽ ديا سنگهه جي ٽنگن به جواب ڏنو ۽ اهي به رمندا رهيا. تڏهن اسان کي وٺي قليلي لڳ پير پيشنگيءَ جي گهر چڏيائين. پير صاحب واقعي ڪڙڪيدار جرئت وارو مڙس هو. ڏسندي ئي رڙ ڪيائين: "سياڻي ڪليڪٽر جي ڪورٽ ۾ هلي چونداسين ته جيڪڏهن اسان جو مطالبو نه مڃيندين، ته تنهنجي ڪورٽ رت سان رڱينداسين."

هتي پير صاحب متعلق ٿورو ذڪر ڪرڻ اجايو نه ٿيندو. سندس عادت عجيب هوندي هئي. انهين ڏينهن ٻاهر نڪرندو هو. گهر ۾ رهڻي ڪهڻي سادي ۽ سخت هوندي هيس. سندس ٻن نياڻين مان هڪ سندس گهوڙي جي شيوا ۾ رڌل هئي ۽ هڪ ماني پچائڻ ۽ دال رڌڻ ۾ مصروف. جڏهن هن قسم جو ڪاڌو تيار ٿيندو هو ته پير صاحب ڪڙڪيدار آواز ۾ چوندو هو ته: "دال ۾ ماني وجهي خوب کائو ڇو ته جلد شهادت کي پهچنداسون." امان، جيڪا هن قسم جي شوخي ۽ دهقاني زندگيءَ جي عادي نه هئي ۽ عاملن جهڙن آسودن ۽ نازڪ اندام ماڻهن ۾ پليل هئي، سا ڏاڍو ٻڇڻ لڳي. حالتن جو ايڏو فرق ڏسندي، ساڳئي شهر ۾ هجڻ جي باوجود، هوءَ ائين پائڻ لڳي ڄڻ ته حيدرآباد کان ڪوهين دور، ڪنهن وحشتناڪ واهڻ ۾ پهتي آهي.

امان جي وحشتناڪي ۽ مايوسيءَ ۾ اديءَ نيديءَ جي جدائيءَ به اضافو ڪيو جيڪا اجا تائين ڏاڏي جن وٽ هئي. ڏاڏي صاف انڪار ڪيو ته ڇوڪري ڪڏهن به نه ڏني ويندي، نه رڳو ايترو پر امان کي واپس حاصل ڪرڻ جي بهاني سان ڪيس داخل ڪيو ويو ته ماءُ بنا ننڍڙي ڇوڪريءَ جو جيئڻ محال آهي.

ٻئي طرف والد مرحوم ڪيس داخل ڪيو ته ماءُ کان پري ايڏڙو ننڍڙو ٻار رهي نه سگهندو لهاذا اهو ماءُ جي حوالي ڪيو وڃي. اچي جهيڙو متو.

آخر اهو طئي ٿيو تہ ماءُ کان سواءِ باقي ٻار جا ويجها عزيز ٻار سميت ڪورٽ ۾ حاضر ٿين ۽ ان کان پوءِ ٻار جنهن عزيز ڏانهن پاڻ وڃي، ان سان ڇڏڻ گهرجي. اها ڳالهہ بيهاري، مٿيءَ سان راند ڪندڙ ننڍڙي ڇوڪري کي ڪورٽ ۾ آندو ويو. بابي کي اچي اڻ تڻ لڳي تہ هيءَ ڇوڪري جا مون کي بنهہ ڪونہ سڃاڻي ۽ نهايت ننڍڙي آهي، خبر ناهي ڪنهن ڏانهن ويندي، ليڪن خدا جي طرف کان ڪا اهڙي سولي هئي جو ٻارڙي پيءُ ڏانهن ڊوڙندي آئي. اهڙيءَ طرح مسئلو خود حل ڪيائين. اهو ڏسي، ڪورٽ حڪم ڪيو تہ ٻار فوراً ماءُ سان ملايو وڃي. اهڙن غيبي امدادن وارن معاملن تہ بابي جي ايمان ۾ اڃا بہ زياده پختگي پيدا ڪئي.

هن نموني هارائي بہ هندو مات ڪري نہ وينا. ڪين امان جي نازڪ مزاجي ۽ شروع ۾ اسلام تي ننڍولين جي چڱيءَ طرح خبر هئي. سو سمجهيائون تہ شايد هوءَ مسلمانن جي سخت زندگي ڏسي هاڻي ڪڪ ٿي هجي ۽ شايد اسان جي ٿئي. اهي ڳالهيون ڳڻي وري ٻيو ڪيس ڪيائون تہ: "چڱو ڀلا، ٻار جي ماءُ کان بيان ورتو وڃي تہ هوءَ خوشيءَ سان وئي آهي يا نہ؟ اسان جي خيال مطابق، هن کي زبردستي مسلمان ڪيو ويو آهي."

ان وچ ۾ بابي مرحوم سوچيو تہ جيڪڏهن
"ملڪ ٿئي منصور، تہ ڪهي ڪهندءُ ڪيترا."

بابي کي چڱيءَ طرح خبر هئي تہ عاملن جو هڪ چڱو خاصو ٽولو هو جنهن کي اندر ۾ ايمان ۽ ٻاهر وائي ٻي هئي. رڳو معاشري ۾ "خواري جي خطري" کان منافق بڻيا پئي ٿريا.

سو مون ڳالهہ تي ڪئي تہ ڏاڏي وارن وڃي امان متعلق ڪيس داخل ڪرايو. شنوائيءَ واري ڏينهن حيدرآباد ۾ فساد جو خطرو هو. ماڻهو – هندو توڙي مسلمان – ٻي انداز اچي گڏ ٿيا. ٻنهي ڌرين جي عزت جو سوال هو ليڪن سڄي معاملي جو دارومدار امان جي اعلان تي هو تہ هوءَ ڪنهن جي ٿي ٿئي. آسودي پيءُ ماءُ جي يا ٻي اجهي مڙس جي! حسن علي وڪيل ان ڏينهن "افندي" ٿيو – بابي جي وڪالت هو ڪري رهيو هو. سو چا ڪيائين جو مسجد ۾ نماز پڙهڻ کان پوءِ شيخ احمد عرف مور جمل کي صلاح ڏنائين تہ: "هاڻي وقت آيو آهي، جڏهن توهان کي بہ پنهنجا اعتقاد لڪائڻ نہ گهرجن. ڪيترو وقت هيءَ منافقت جاري رکندءُ؟ اٽ پڪيءَ واري پاليسي

توهان کي ڇڏڻي پونديءَ. مڙس ٿي ميدان ۾ اچو." بابي جي ان چئلينج هن تي ڏاڍو اثر ڪيو. هو پنهنجن ٻن پٽن شيخ محمد صديق (ميوا رام) ۽ شيخ غلام محمد (پونداس) سميت اچي ظاهر مسلمان ٿيو. سندس مسلمان ٿيڻ سان جو نظارو پيدا ٿيو تنهن مڪي جي واقعات کي تازو ڪري ڇڏيو. محمد صديق پنهنجي گهر واري ۽ پنج ٻار ڇڏيا ۽ غلام محمد نون مهينن جي پرٽيل زال ڇڏي، ليڪن پنهنجي دل مالڪ سان گڏي. مسٽر پرمانند جو بعد ۾ ڪراچيءَ جي انڊن جي اسڪول جو پرنسپال ٿيو اهو محمد صديق جو وڏو فرزند هو.

ڪليڪٽر صاحب حڪم ڪيو تہ ڇهہ ڄڻا، مائيءَ کي ڏوليءَ ۾ مٽي بنگلي تي کڻي اچن. پنهنجي زباني ڏئي. ان تي ناني ۽ ڏاڏي سخت اعتراض واريو ۽ چيائون تہ اهو طريقو غلط آهي. چوڻ لڳا تہ اسان سچائون تہ واقعي اسان جي نياڻي آهي بہ يا نہ؟ آخر مجبور ٿي پنهنجي اختيار ظاهر ڪرڻ وقت، ٻئي امان جي ڏولي سان اچي گڏ بيٺا. ساڻن گڏ مامون خانو بہ هو. اهڙي خوف وهراس ۽ وڏي مجموعي ۾ امان هي اعلان ڪيو تہ: "مان رضا خوشيءَ سان مسلمان ٿي آهيان ۽ مسلمان رهندس." سچ پچ تہ اهو هڪ تاريخي واقعو هو جنهن بعد ۾ ٿيندڙ واقعات تي گهڻو اثر وڌو.

ان کان پوءِ، اسان پشورين جي پاڙت ۾ عمارت اندر رهڻ لڳاسين. جتي هاڻي اسڪول آهي. ٿوري وقت اندر وري هندن کي اچي آنڌ مانڌ لڳي ۽ ترڪيبون گهڙيندا رهيا تہ ڪهڙيءَ طرح، اسان کي پوئين پيرين موٽائين. ان نيت سان هڪ ٻيو ڪيس ڪيو ويو جنهن ۾ ڄاڻايو ويو تہ مائي (يعني منهنجي ماءُ) پنهنجي مڙس وٽ راضي نہ آهي ۽ نڪرڻ وقت گهڻا زيور کڻي وئي آهي.

گذريل ڪيس مان آزاد نڪرڻ کان پوءِ، متعدد مسلمانن جي ايمان ۾ جوش اچي ويو جيڪي هاڻي اسان جي هر طرح مدد ڪرڻ لڳا. اهڙن مسلمانن ۾ ڳوٺ ڪرم خان جي رئيس الله بخش، هالن جي مخدومن ۽ غلام نقشبند پناڻ، فيض محمد ڪليڪٽر، سيٺ حاجي وريل جا نالا قابلِ ذڪر آهن ۽ قاضي محمد لائق ڊپٽي ڪليڪٽر، غلام نقشبند پناڻ کي ان وقت جي ڪابل واري حاڪم عبدالرحمان خان ملڪ نيڪالي ڏني هئي ۽ حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو هو. رئيس الهہ بخش جو خاندان شروع کان ئي اسلامي جذبي سان مالا مال رهيو آهي ۽ سندس پوٽي رئيس شفيع محمد تازو

پنهنجي زمين، هڪ تعليمي درسگاهہ کي وقف ڪري پنهنجي خاندان جي روايتي اسلامي خدمت وارو جذبو قائم رکيو آهي.

مسلمانن جي ٻنهي ۾ جوش وخروش جو هي عالم هو جو هنن اهو فيصلو ڪيو تہ هاڻي وري ڪورٽ ۾ نہ ويندا سون. توڙي ڪٿي ان جو ڪهڙو بہ نتيجو نڪري. سو ڇا ڪيائون جو ان ئي گهر کي ناهي سينگاري ڪورٽ ٺاهيائون، جنهن ۾ اسان رهندا هئاسون. امان هي جواب ڏئي، هندن جي اميدن تي پاڻي ڦيريو تہ: ”مان جنهن وقت گهر مان نڪتي هيس، ان وقت قضيو ٽيل هو يعني منهنجو چاچو ٺاڪرداس قليليءَ ۾ ٻڏي مئو هو جنهن ڪري زيور تجوڙيءَ ۾ بند رهيا. جنهن ڪري ڳهہ ڳٺا پائڻ يا ڪڍڻ جو ڪو سوال ئي ڪونہ ٿي اٿيو ۽ مان هاڻي مسلمان ٿي چڪي آهيان. تنهن ڪري منهنجوهندن ڏانهن واپسي جو بہ سوال ئي ڪونہ ٿو اُٿي.“ ان جهڳڙي دوران چاچي ٺاڪرداس جي گهرواريءَ کي چيو ويو تہ ڪيترو وقت لڪل طرح مسلمان رهندينءَ؟ هاڻي ظاهر ٿي هن ڪورٽ جي بهترين موقعي جو فائدو وٺ. ڏاڏي ان ڪورٽ ۾ آئي. ليڪن اتي بيان ورتو ويو. ڪيس ڪورٽ ۾ ڏوليءَ ۾ آندو ويو جتي هن جي چاچي کي سڃاڻڻ لاءِ چيو ويو جنهن پهريائين تہ انڪار ڪيو بعد ۾ ڏسي چيائين تہ مون کي پيٽ ۾ وٺ پئجي ويا آهن. مون سڃاتي آهي تہ منهنجي ڀائٽي آهي. ڪورٽ ۾ ڏاڏيءَ چيو تہ مان اندروني طرح مسلمان آهيان. هاڻي ظاهر ٿيان ٿي.

هتي شيخ غلام محمد متعلق ٿورو لکڻ ضروري سمجهان ٿي. شيخ صاحب جو هندڪو نالو پونداس هو. (سندس وڏي ڀاءُ جو نالو شيخ محمد صديق هو جنهن اسلام قبول ڪرڻ وقت پنج هار ڇڏيا ۽ پڻ گهر واري ڇڏي هئي. سندس هڪ پُٽ پرمانند جو انڊن جي اسڪول جو پرنسپال هو. هي هندو تمام چڱو ماڻهو آهي. هاڻي هندوستان ۾ آهي) ان جي شادي ڪراچيءَ مان، هڪ پناڻيءَ سان ڪرائي هئي، جا 5 سال کن ٿيا تہ بمبئي ۾ گذاري وئي. بعد ۾ منهنجي ننڍي ڀيڻ سان شادي ڪيائين. جنهن مان ٻہ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيس. مان مٿي لکي آئي آهيان تہ سندس هڪ نياڻي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سابق وائس چانسلر حسن علي عبدالرحمن جي گهر ۾ آهي. سندس وڏو پٽ نور احمد سعيد منزل تان ڪري مري پيو ۽ ننڍو پُٽ عبدالقادر زنده آهي. هي شيخ اسلام قبول ڪرڻ سان گڏ پنهنجون زمينون ڪٽي آيا ۽ بعد ۾ پاڻ ۾ ورهايائون.

مالي طرح ظاهراً منهنجي پيءُ جي ڪمائڻ جو ڪو ذريعو نہ هوندو هو. ليڪن بابي مرحوم جي فطرت عجيب هئي. تڪليف ۽ گهبراهٽ جي وجود جو انڪاري هو ۽ هن نئين روحاني لذت ۾ مگن ۽ مست رهندو هو.

جئان وهي تئان واٽ، ڪپر پڇن ڪوڙيون،
جن کي سڪ ساهڙ جي، سي گهيڙ نہ پڇن گهاٽ،
جن کي عشق جي اُساٽ، سي واهہ پائن وڪڙي

محبت جي مشاهدي ۾ جو مزو ماڻي رهيو هو ان جي پيٽ ۾ وڏي قربانيءَ کي ڪجهہ بہ نہ پيو سمجهي. اسان کي ڪابہ ملڪيت ڪانہ هئي. گهر جي ڀاتين کي اهي ڪپڙا هئا، جيڪي جسم تي هئا. شروع ۾ ڪن مخير مسلمانن چندا وغيره بہ ڪيا، ليڪن بعد ۾ سيٺ حاجي وريل، سيٺ حاجي يوسف، سيٺ حاجي سڪٽو عبدالله ڪاٺر ميمڻ، ڊپٽي قاضي فيض محمد ۽ قاضي محمد لائق ڏهہ ڏهہ روپيہ هر مهيني گڏ ڪري شيخ صاحب کي ڏيندا هئا. انهن ساڳين ماڻهن نوڙهي جي چاڙهيءَ تي 500 روپين واري هڪ جڳهہ رهڻ لاءِ وٺي ڏني هئي. جيتوڻيڪ آهستي آهستي مٿين ماڻهن جي مرڻ سان ڏهہ ڏهہ روپيہ بہ بند ٿيندا ويا، ليڪن بابي ڪڏهن بہ ڪونہ گهبرايو. هميشہ اسلام جي تبليغ ۽ ان جي خوبين کي ٻين تائين پهچائڻ ۾ مصروف رهيو. سندس زبان ۾ عجيب ميناج هو جيڪو سندس واتان ڪا ڳالهہ نصيحت يا نقطو ٻڌندو هو اهو ان جي اثر کان بچي نہ سگهندو هو. نماز کان پوءِ مسجد جي حجري ۾ ويهي تقرير ۽ ديني ڳالهيون ڪندو هو ۽ هرڪو ان کان مستفيد ٿيندو هو. ان جي نتيجي ۾ پنهنجي هڪ ياءَ (نانڪ) کي مسلمان ڪيائين ۽ سندس نالو عبدالڪريم رکيائين. اسلامي محبت جو اندازو هن حقيقت مان لڳايو تہ هن قسطنطنيہ جي لڙائيءَ ۾ حصو ورتو. هو استنبول ۾ شهيد ٿيو.

اسان جي ڏاڏي جا اندر ۾ مسلمان هئي، اسان جي ڪڏهن ڪڏهن مدد ڪندي هئي. سندس محنت ۽ سادگيءَ جي هيءَ حالت هئي جو جيتوڻيڪ سندس بہ پٽ مختيارڪار هئا، ليڪن ڪين ڪپڙا پنهنجن هٿن سان سبي ڏيندي هئي. ان ڪم ۾ امان بہ مدد ڪندي هيس. بلڪ گهٽي ياڳي گهر جو ڪپڙو سبندي هئي. ان جو سبب اهو هو تہ ڏاڏي جي گهر ۾ ڪا عورت نہ رهي هئي.

بابي مرحوم کي هندن کان ايتري نفرت هوندي هئي جو جڏهن ڏاڏيءَ وفات ڪئي ۽ اسان ڏانهن ڪاڏو موڪليو ويو هو بابي اهو نہ پاڻ کاڌو ۽ نہ بين کي کائڻ ڏنائين. بلڪ اڇلرائي ڇڏيائين. بابي جي اسان کي هميشہ اها تلقين هوندي هئي تہ رب جي رضا تي راضي رهڻ سکون ۽ پريشانيءَ واري حالت ۾ ٻاهر ٻاڦ نہ ڪڍون. بک ڏک ۾ خوش رهون وغيره. اسان کي بعض اوقات گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪي ڪين هوندو هو ليڪن اسان بابي جي ٻڌايل اصولن تي ڪاربند رهندا هئاسون. ان عرصي دوران ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون معجزانہ حالتون پيدا ٿينديون هيون. جو اسان دنگ رهجي ويندا هئاسون. هڪ ڏينهن اسان وٽ ڪي ڪين هو بابي بک تي رهڻ جي تلقين ڪئي. اسان جي حيرت جي حد نہ رهي، جڏهن اسان صبح جو ڏٺو تہ هڪ ماڻهو بنا پڇا جي ٻہ ڳوٽيون اَنَ جون، اسان جي حوالي ڪندي رمندو رهيو.

اسان جي هن روحاني سفر ۾، سرهندي پيرن وڏي مدد ڪئي. بابو مرحوم اڪثر انهن وٽ ويندو رهندو هو. پاڻ جڏهن عبدالعزيز قنڌاري کي، حيدرآباد مان لڪائي ڪابل ڇڏڻ ويو هو ان وقت اسان پورو سال پيرن ۾ رهياسون. ان وقت وڏو پير سائين جو موجوده پير هاشم جان سرهندي جو ڏاڏو هو زنده هو.

بابي جي صحبت ۾ امان جي حالت حيرت انگيز تي پئي هئي. هڪ طرف اسان کي مقرر معاش ڪونہ هو ٻئي طرف امان، بابي کي 18 روپين جي ادائگيءَ سان حج روانو ڪيو. هن جو ايمان هو تہ:

گهڙيا سي چڙهيا، ائين اٿيئي،
مئي متي مهراڻ ۾، پؤ ٽپو ڏيئي،
تہ ميهار مليئي، سنيوڙو سيڻاهہ سين.

هيءَ حقيقت آهي تہ گهر ۾ برڪت عورت جي باعث هوندي آهي. عورت همدرد ۽ نيڪ سيرت آهي تہ سڀ سٺائي آهي. جڏهن کيس خبر پئي تہ پير آغا حسن جان (هاشم جان جو پيءُ) حج تي وڃي رهيو آهي ۽ بابو باوجود اهڙي خواهش جي رڳو ان ڪري نٿو وڃي سگهي جو پئسن جي کاٽ آهي، تڏهن بابي مرحوم کي الله جي آسري تي تيار ڪيائين. کيس فقط 18 روپيہ ڏئي سگهي ۽ بعد ۾ ڳهہ ڳٽا گروي رکي ڇهہ سؤ روپيہ ڏياري موڪليائين. سندس غير حاضريءَ ۾ گهر ۾ ڪجهہ بہ نہ هجي ۽ 12 ٻاتي

ڪائڻ وارا هجون. برڪت جو هي عالم هو جو اسان بہ ڪائي چڙهياسين ۽ سندس واپسيءَ تي خوشيءَ جو چڱو خاصو شادمانو ڪيوسين. بابي جي غير حاضريءَ واري 6 مهينن جي عرصي ۾ رات ڏينهن پرت سان پورهيو ڪيائين ۽ سڪ سان سئي هلايائين. پر ڪنهن جي آڏو هٿ نہ ڦهلايائين. بيشڪ شاهہ جي هن بيت تي عمل تي ڪيائين تہ:

جي تو سڪڻ سکيو ڪاتيءَ پٺي مَ ڪنجهہ،
سپيريان جي سور جو ماڻهن ڏج نہ منجهہ،
اندر ايءَ اهنج، سانديج سڪائون ڪري

مطلب تہ امان گهر ۾ بسم الله جو پورهيو ڪندي رهي ۽ بابو بہ ين مائٽ هندن کي اسلام ڏانهن ترغيب ڏيندو رهيو. گهر ۾ روزگار جي حالت اها هوندي هئي تہ: ”آٽين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏهاڙي سومرا.“

سبحان الله! ڇا زمانو هو ۽ ڇا گهر جي ڪيفيت! هنن ٻن نيڪ صفت انسانن جي طفيل گهر جنت بڻجي پيو هو. غربت هوندي اڻ هوند ڪانہ هئي، ڇو تہ سچائي هوندي دل ڪشادي هئي. تونگري، دولتمنديءَ تي منحصر نہ آهي ۽ نہ وري اڻ هوند پريشانيءَ جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ وجهي سگهي ٿي. هي سڀ ذهني ڪيفيتون آهن. جنهن کي جهڙي تربيت ملي. اسان ڪيترا امير غريب ڏٺا ۽ فقير بادشاهہ. يعني ڪيترا اهڙا ماڻهو تي گذريا آهن جيڪي خزانن هوندي کوٽ ۾ رهيا ۽ ڪيترا اهڙا ماڻهو ڏٺاسين، جيڪي غربت ۾ بہ خوشحال رهيا. اهو سڀ ڪجهہ ذهن جي تربيت جو نتيجو هو. پهرين وٽ مال تہ گهڻو هو پر ڪفالت ۽ شڪر ڪونہ هئا ۽ پوين وٽ سڄاڻپ هوندي شين جي قيمت جي سچائي هئي ۽ دل جي ڪشادگي هئي.

تونگري بدل است نہ بمال
بزرگي بعقل است نہ بسال

اها حقيقت آهي تہ لالچي ماڻهو پرجڻ جو نہ آهي. هن جي آڻ آڻ پوندي ۽ پيٽ ڪونہ پربس. شايد ان ڪري هڪ سنڌي سگهڙ چيو آهي تہ:

لالچ جهڙي لچ ڪي، ڦيري ڏي ڦاهي،
جوفي منجهان جيءَ ڪي، جوکو ئي آهي،
طمع جي تنوار جو ٻول چڏج ٻاهي،
لالچ کي لاهي، جتي هڻ جهان ۾.

سو مون ڳالهہ تي ڪئي تہ اسان وٽ ظاهري اسباب ڪونہ هئا، ليڪن دليل تونگري سان مال مال هئاسين. حقيقت هيءَ آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ تربيت جو نتيجو هو. هڪڙي ڏينهن اسان وٽ گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪي ڪين هجي ۽ اوچتو هڪ روزيدار مهمان مسافر اچي نڪتو جنهن دروازي تي سڏ ڪري بہ آنا ڏنا ۽ چيو تہ مون کي روزو کولرايو. انهن ٻن آنن ۾ اهڙي برڪت پئي جو مهمان روزو بہ کوليو ۽ اسان گهر جي سمورن ڀاتين پنهنجي پيٽ پوڄا بہ ڪئي.

بابي مرحوم کي مسلمان ٿيڻ کان اڳ بہ نياڻيون هيون ۽ اسلام آڻڻ کان پوءِ 6 نياڻيون ۽ هڪ پٽ ڄايس. ان عرصي اندر ڪيترا ڀيا بہ مسلمان ٿيا. پهريائين امان جو پيٽويو ڪومتراءِ، بعد ۾ عبدالرحمان تي پيو پر 5 مهينن کان پوءِ وري وٽاڻ موٽيو. هو هڪ بدڪار ماڻهو هو. هڪ ڏينهن سندس پيءُ کيس ست سؤ روپيہ ڪنهن ماڻهوءَ کي ادا ڪرڻ لاءِ ڏنا، جيڪي هن رستي ۾ جوا تي وڃايا. بعد ۾ هڪ رپئي جو آفيم کائي مري ويو. سندس پٽن جا نالا بلو ۽ موتي هئا. جڏهن جوان ٿيا ۽ تعليم پرايائون، ماءُ سوڏا اچي اسلام اختيار ڪيائون. ڏهن سالن کان پوءِ اسان جو چاچو بہ مسلمان ٿيو ۽ عبدالڪريم نالو رکايائين. عبدالڪريم ۽ عبدالرسول کي قنڌار موڪليو ويو تہ جيئن دينيات سکن.

بابي مرحوم جي علم دوستيءَ جو هيءَ عالم هو جو بي ثمري حالت هوندي بہ، مخدوم غلام محمد، شيخ محمد حسن ۽ رئيس شفيع محمد کي تعليم جي تحصيل لاءِ ديوبند چڙهي آيو.

مان مٿي ٻڌائي آئي آهيان تہ آڏواڻي گهراڻي ۾ بہ اسلامي اثر اچڻ شروع ٿي ويو هو. منهنجي شوهر مرحوم جو ڏاڏو شيخ احمد مسلمان ٿيڻ کان پوءِ بہ هڪ پوري جاگير پنهنجي قبضي ۾ رکندو آيو. کيس چار پٽ هئا، جن مان بہ هندو رهيا ۽ بہ مسلمان ٿيا. ملڪيت پورن پنجن حصن ۾ ورهائي سيني کي حق پلئہ وڌائين. انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ وڏي پئماني تي پليگ پئجي وئي ۽ اسان سڀ شيخ صاحب جي زمينن تي علي پور وڃي رهياسين. تن ڏينهن ۾ مرحوم ڊاڪٽر شمس الدين، ڇهون درجو انگريزي پڙهندو هو ۽ وڪيشن تي ڏاڏي وٽ ٻنين تي آيل هو. شيخ احمد صاحب جي طبيعت تمام رحيم هوندي هئي ۽ باوجود ان جي جو ڪيترا ئي پٽ پوٽا هندو هئا،

هن وٽ بنان روڪ ٽوڪ جي اچي رهندا هئا. ڊاڪٽر شمس الدين مرحوم جي طبيعت سليم ۽ نيڪ هئي. اهڙو وارو بابي کي خدا ڏياري! بس اسلامي خوبين بيان ڪرڻ ۾ لڳي ويو. انهن ڏينهن اندر بابي وٽ ڪافي اسلامي ڪتابن جو اپياس ڪيائين. ڏسو ڪيئن ٿي قدرت سندس اسلام قبولڻ جو رستو هموار ڪري. انهن ڏينهن ۾ خبر آئي ته سرهندي پير سخت بيمار آهي. اهو ٻڌي ڊاڪٽر شمس الدين مرحوم، بابي سان گڏجي پيرن ڏانهن روانو ٿيو. زمين اڳيئي پلي، وري جو مليس پاڻي ته بهترين فصل نه ڏيندي ته ڇا ڪندي؟ سو ڊاڪٽر شمس الدين جي طبيعت ۾ اڳ ۾ ئي اسلام ڏانهن لاڙو ٿي پيو هو. وري جو پيرن سونهارن جي صحبت ۾ پهتو ته دل جي دري کلي ويس. پيرن پنيان جماعت سان نماز به پڙهيائون. وڏي پير مرحوم کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ سندس پٽي نپيندي بابي کي هن جي جلد مسلمان ٿيڻ جي خوشخبري ڏنائين. ائن ڏينهن اندر اعلان ڪيائين.

هڪڙي ڏينهن پنهنجي پيٽوئي ديوان نيپراج جي اسپتال ۾ علاج ڪرائڻ جي بهاني ويو هو جتي پيءُ جي اچڻ جي خبر ٻڌي پنئين دروازي کان نڪري وڃي پيرن وٽ پهتو ۽ مٿيارين ۾ ظهر ڪرايائين. ان کان پوءِ هڪ ڏينهن ماءُ سان ملڻ ويو ۽ ان وقت روزي سان هو. بس اها آخري ملاقات هئي. پنهنجي ڏاڏي وانگر، پنهنجي پيءُ کي ديوان صاحب ڪري سڏيندو هو.

اسلامي تعليم عام ڪرڻ لاءِ، شيخ احمد هڪ مدرسو کوليو جنهن ۾ عربي ۽ فارسي پڙهائڻ جو عمدو انتظام هو. ٿوري ئي وقت ۾ چاليهه شاگرد ٿي ويا. جن جي ماني ٽڪي ۽ ڪپڙي لٽي جو انتظام مرحوم شيخ احمد صاحب پنهنجي سر ڪندو هو. ان ساڳئي مدرسي ۾ قريشي خان محمد ڪاماري (حال مهاجر مدينه منوره) وارو به پڙهندو هو. هن پنهنجو اصلي نالو ڪنهن کي به نه ٻڌايو ۽ گمنام نموني تعليم حاصل ڪندو رهيو. بعد ۾ جڏهن معلوم ٿي ويو ته هو قريشي آهي، تڏهن ماني وغيره تڪلف سان موڪلي وئي. اهو ڏسي خان محمد خاموشيءَ سان مدرسو ڇڏي هليو ويو.

مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ٽن مهينن ۾ ڊاڪٽر شمس الدين قرآن شريف قاضي فقير محمد. فقير جي پڙ واري وٽ پڙهي پورو ڪيو ۽ بعد ۾ مذڪور مدرسي ۾ چڱي عربي پڙهيائين. ان کان پوءِ انگريزي پڙهي مئٽرڪ پاس ڪيائين ۽ مختيارڪاريءَ جي امتحان ۾ به ڪاميابي حاصل ڪيائين.

هتي شيخ عبدالعزيز قنڌاريءَ جو ٿورو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿي. سندس ڏاڏو جنهن جو نالو شيخ قاسم هو اندر ۾ مسلمان هو ۽ مرڻ کان پوءِ کيس هندو ساڙي نه سگهيا. شيخ قنڌاري مرحوم جڏهن ننڍو ئي هو ته کيس اسلام سان محبت ٿي وئي ۽ مسلمان ٿيڻ جو ڏاڍو شوق جاڳيس. اهو ڏسي بابو مرحوم کيس ڪابل ڇڏي آيو جتان پوءِ وچي قنڌار ۾ رهيو. ان ڪري ئي کيس قنڌاري سڏيو ويندو هو. جڏهن هو ڪابل پهتو هو ان وقت سندس عمر 12 سال هئي. جاڻي واڻي سندس ڪپڙا قليليءَ جي ڳپ تي رکيا ويا هئا. جنهن مان هندن سمجهيو ته هو پاڻيءَ ۾ ٻڏي مئو هوندو.

ڪابل ۽ قنڌار ۾ جملہ 21 سال رهيو ۽ ان کان پوءِ موٽي حيدرآباد آيو. هڪ ڏينهن ڊاڪٽر نيپراج گربخشاڻي، ڊاڪٽر شمس الدين مرحوم کي ٻڌايو ته تنهنجي ماءُ سخت بيمار آهي. ڊاڪٽر نيپراج، ڊاڪٽر مرحوم جو پيٽيو هو. هڪ پاسي مذهبي اعتقاد هئا، ٻئي طرف ماءُ جي فطري محبت. انهن ٻن زوردار نظرين جي وچ ۾ ڪجهہ وقت پئي ٻڏيوتريو. آخر چوري ڇپي وچي پنهنجي ماءُ جي گهر واري دروازي ۾ بيهندو هو ۽ سندس ڳالهائڻ ٻڌندو هو. خبر ملڻ واري ڏينهن کان پوءِ ٿي ڏينهن سندس ماءُ زنده هئي ۽ پاڻ ٽئي ڏينهن مٿي ٻڌايل طريقي سان ماءُ جو ڳالهائڻ ٻڌندو رهيو. ٽئين ڏينهن مغموم ٿي موٽي آيو. منهنجي پڇا ته ٻڌاياٺين ته اج امان گذاري وئي.

ڊاڪٽر شيخ شمس الدين مرحوم ڊاڪٽريءَ جي آخري سال جو امتحان ڏئي بابي مرحوم ۽ سائين پير حسن جان سرهندي صاحب مرحوم سان گڏجي حج لاءِ روانو ٿيو. بمبئي پهچڻ کان پوءِ پنهنجي ڏاڏي کان سفر جو خرچ گهرياٺين. جنهن 600 روپيہ ڏياري موڪليس. هن حج جي سفر ۾ شيخ عبدالڪريم مرحوم بہ ساڻس گڏ هو. هن مرد مجاهد کي وري الله جو سڏ ٿيو ۽ ترڪن جي فوج ۾ شامل ٿي استنبول ۾ شهيد ٿيو. ڊاڪٽر مرحوم شمس الدين ڇهن مهينن جي عرصي کان پوءِ، حيدرآباد پهتو. ڊاڪٽريءَ جي سند ملي چڪي هيس، سو نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪياٺين. سردار محمديعقوب (شيخ حسن جو چاچو) خيرپور واري مير جو وزير هو تنهن ڪوشش ڪري خيرپور جي اسپتال ۾ نوڪري وٺرائي ڏنس. ان وقت سندس پگهار 25 روپيہ مقرر ٿي.

جنهن وقت ڊاڪٽر مرحوم کي مذڪوره نوڪري ملي، ان وقت اسان

ڪي ڊاڪٽر شيخ ضياءُ الدين چاول هو ۽ مريم (بيگم آخوند) پيٽ ۾ هئي. اسان جي خيرپور وڃڻ جي تياريءَ جو ٻڌي، ڊاڪٽر مرحوم جي ڏاڏي، شيخ احمد هڪ نوڪرياڻي ٻنيءَ تان اسان ڏانهن ڏياري موڪليائين. اسان خير خوبيءَ سان وڃي خيرپور پهتاسين، جتي 7 مهينا رهياسين. ان کان پوءِ والده جي تار تي حيدرآباد موٽياسين. حيدرآباد واري عرصي ۾ نياڻي ڄائي، جا نون مهينن جي ٿي. تڏهن اسان وري خيرپور وياسين. ان کان پوءِ سٽت ئي ڊاڪٽر صاحب جو چاچو شيخ غلام محمد حج تي روانو ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جن جي پگهار وڌي 35 روپيه ٿي ۽ اسان خوشحال خاندان جي حيثيت سان زندگي گذارڻ لڳاسين.

ان عرصي دوران، ڊاڪٽر مرحوم جي ڏاڏي جي بيماريءَ جي خبر پهتي ۽ اسان سڀ ڪانئس پڇڻ لاءِ ٻنين تي پهتاسين، جتي رهي پياسين. ان وقت ڊاڪٽر مرحوم جي پگهار 40 روپيه ٿي چڪي هئي، ليڪن پاڻ استعفا ڏنائون. چار مهينا ٻنين تي رهياسون. ان عرصي اندر سندن ڏاڏي جي طبيعت وڌيڪ خراب ٿيندي وئي ۽ آخرڪار 9 محرم تي سفر سنواريائون. کين سندن مرشد ميين ولي محمد درس جي قبر پرسان دفنايو ويو. سندس مرشد لاءِ زندگيءَ ۾ عزت جو هي عالم هو جو سندس قبر واري طرف ڏانهن پير ڪري ڪڏهن به نه سمهندو هو.

انهن ڏينهن ۾ شيخ غلام محمد حج تان موٽي آيو هو. هن گهڻو زور پريو ته اسان اتي رهي پئون، ليڪن اسان حيدرآباد موٽي آياسين. ڊاڪٽر مرحوم کي حيدرآباد ۾ خانگي اسپتال کولڻ جو خيال هو. ايتري ۾ سردار يعقوب علي گذاري ويو. سندس پٽ ميان شيخ سليمان، اسپتال کولائڻ جي خرچ جو بار پاڻ تي کنيو. آخر "من جد وجد" سندس ڪوششون ڪامياب ٿيون ۽ حيدرآباد ۾ صدر ۾ اها اسپتال کلي. (هيءَ اسپتال اڄا تائين ڊاڪٽر شيخ ضياءُ الدين جي هٿ ۾ آهي) اسپتال ۾ ضروري فرنيچر وغيره وڌو ويو ۽ اها چڱي خاصي هلڻ لڳي. اسپتال کولي اڃا 2 مهينا مس ٿيا، جڏهن اسان جي والده گذاري وئي. بابو مرحوم، ڪن مجبورين سبب پنهنجون نياڻيون وٺي وڃي پشاور ۾ رهڻ لڳو. هيءَ اسپتال چار سال هلائي سون ۽ خوب ڪمائي به ٿي.

ان زماني ۾، پهرين مهاڀاري لڙائي اچي منهن ڪڍيو ۽ هر طرف واويلا مچي وئي. دنيا جي ملڪن جي هڪ ٻئي سان مخالفت يا موافقت ظاهر ٿيڻ

لڳي ۽ ٽولن ٽولن ۾ ورهائجي ويا. هر طرف ڪان هنيانءُ ڏاريندڙ خبرون گشت ڪرڻ لڳيون ۽ ماڻهن ۾ مونجهارو پئجي ويو.

وقت جي رفتار سان، هندوستان ۾ آزادي حاصل ڪرڻ وارين تحريڪن به چڱو زور ورتو. مسلمانن جو خاص مرڪز ان زماني ۾، خلافت تحريڪ هئي، جنهن ۾ چوٽيءَ جي عالمن حصو ٽي ورتو. سنڌ به ان جدوجهد ۾ پاڻ چڱو موڪيو. حضرت مولانا تاج محمد صاحب امروٽيءَ ۽ حضرت پير صاحب رشد الله شاهه صاحب جهنڊي وارن جون خدمتون ۽ رهنمائي هميشه يادگار رهنديون. هنن مردن مجاهدن، پنهنجو پاڻ چڱو ملهايو ۽ انگريزن جي سياسي طاقت ۽ حڪومتي ڏنڊي جي ڪابه پرواهه ڪانه ڪيائون. ظاهر ظهور سندن اهڙين ڪاروائين ۽ حڪمت عملين جي مذمت ڪرڻ لڳا، جن ۾ مسلمان دشمنيءَ جي بوءِ هئي ۽ پنهنجي اثر باقي رکڻ جي ڪوشش هئي. خصوصًا انگريزن جي ترڪ دشمني ته مسلمانن کي ڏاڍو گهڻو غصو ڏياريو ۽ ان ڪان پوءِ، نتيجن جي پرواهه ڪرڻ بغير، سڄي هندستان جي مسلمانن، ڪليل نموني ۾ انگريزن ڪان بيزاريءَ جو اعلان ڪيو ۽ جنگ جي نتيجي ۾ نه رڳو ترڪن سان اخلاقي همدردي ۽ حمايت جو اظهار ڪيو، بلڪ انهن لاءِ عملي امداد مهيا ڪئي. سچ پچ، هي اهو زمانو هو جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن جي هن حديث جو اکين ڏٺو نقشو پئي ڏنو ته مسلمان قوم هڪ اهڙي برادري آهي، جنهن جي پيٽ هڪ جسم جي عضون سان ڪري سگهجي ٿي. جيئن جسم جي هڪ عضوي ۾ سور هئڻ سبب پورو جسم بي قرار ٿي وڃي ٿو اهڙيءَ طرح هڪ مسلمان جي پريشاني مڙني ملت جي ننڊ نيندي اها سڄي صورتحال منهنجين اکين اڳيان اجا پئي ڦري. ڪتي چندا پئي ڪنا ٿيا، ڪتي جوانن جا جٿا سر ترِيءَ تي رکي، ڪفن سر سان ٻڌي، گهر گهاٽ ڇڏي، ترڪن جي حمايت ۾ وڙهڻ لاءِ اٿي نڪتا، ته ڪتي وري جنگ ۾ زخمي ٿيل مسلمانن جي ملم پٽي ۽ دوا درمل ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جون جماعتون ٿي نهيون. مطلب ته روح پرور نظارا هئا، جيڪي بخت وارن کي نصيب ٿيندا آهن. هنن مڙني مسلمانن جي ڪوشش ۽ تحريڪن ۾ اهو جذبو ڪار فرما هو ته ڪهڙي طرح مسلمان ڀائرن جي تڪليف ۾ حصو ورتو وڃي، هنن جي آرام لاءِ ڪجهه ڪيو وڃي ۽ هن ڏکي ويل ۾ سندن هر طرح جي امداد ڪئي وڃي. ظاهر آهي ته هن ڪوشش ۽

جدوجهد ۾ قرباني ۽ بي لوث خدمت ڪرڻ جا جذبا هئا. جن مسلمانن جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي هئي. توهان پاڻ سوچيو ته هيءَ وات ڪيڏي نه اڙانگي هئي، ڇو ته حڪومت غيرن جي هئي، جن کي مسلمانن ۽ اسلام سان ازلي دشمني هئي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته سياسي طاقت ۽ هندستان جهڙي وڏي ملڪ جي حڪومت سندن هٿ ۾ هئي. ان وقت تڪر تاڪٽو هو پر هي مجاهد به مڙڻ جا نه هئا. هنن شاهه ڀٽائيءَ جي هن بيت تي پورو عقيدو ٿي رکيو ته:

جٿان وهي تٿان وات، ڪپر پڇن ڪوڙيون،
جن کي سڪ ساهڙ جي، سي گهيڙ نه پڇن گهاٽ،
جن کي عشق جي اساٽ، سي واهڙ پائن وڪڙي.

حڪيم اجمل خان جي ڪن شاگردن، ڊاڪٽر انصاري ۽ مولوي حبيب الرحمن تي مشتمل هڪ ٽولو ترڪستان ۾ بيمارن ۽ زخميل ماڻهن جي سنڀال لهڻ لاءِ هندستان ڇڏي چڪو هو. ان کان پوءِ ته اميدوارن جي شوق ۾ گهڻو اضافو ٿي ويو. ڊاڪٽر مرحوم شمس الدين صاحب به هن وقت تائين لڪل خواهش جو اظهار ڪيو ليڪن مون کان اجا به ڇُپائي رهيو هو. وڃڻ وقت به مون کي ٻڌايو پئي ويو ته ڊاڪٽر مرحوم ڪراچي وڪيل ڪرڻ ٿو وڃي، ٻئي طرف پاڻ وصيت نامون به پئي لکيائون. ڊاڪٽر مرحوم جي ان روش تي مون کي ڏاڍو افسوس ٿي ٿيو. مون پنهنجين ساهيڙين ۽ واقف ڪارن کي ٻڌايو پئي ته ڊاڪٽر صاحب ترڪستان وڃڻ جي تياريءَ ۾ مصروف آهي، ليڪن مون کي نٿو ٻڌائي. مان به عجيب ڪشمڪش ۾ مبتلا هئس. ڪانئس ان ڪري سڌيءَ طرح نه پئي پڇان ته متان ڊاڪٽر صاحب نه ويندو هجي ۽ منهنجي اهڙي سوال کان پوءِ تيار ٿي وڃي. اهو سوچيندي ته مان ذهني طرح اهڙي جدائيءَ لاءِ تيار ٿي آهيان ۽ پوءِ پنهنجي وڃڻ واري پروگرام کي سولو سمجهي. ٻئي نقطي کان وري منهنجو نه پڇڻ خود خطري کان خالي نه هو ڇاڪاڻ ته اهڙي حالت ۾ ڊاڪٽر صاحب ائين سمجهڻ ۾ حق بجانب هو ته مان، باوجود ڄاڻ جي سندس وڃڻ تي ڪونه ٿي گهبرايان. لهاذا هو پٺ جي فڪر کان سواءِ اهڙي ڏوراهين سفر تي وڃي سگهي ٿو. مطلب ته مان ٻن باهين جي وچ ۾ هجان. ڪيان ته ڇا ڪيان؟

"ماٺ ڪريان تان مشرڪ ٿيان، ڪڇان تان ڪافر"

وارو قصو هو ليڪن هڪ ڏينهن جڏهن ڊاڪٽر مرحوم کي گرم

قميص ڪٽندي ڏٺم، تڏهن پڪ ٿي تہ سفر جي تياري آهي. مون ڪانئن هٿ مان ٿيلهو ڪسي ورتو ۽ اسان جي ڳالهائڻ تي ٻار اچي گڏ ٿيا. ڊاڪٽر صاحب تہ رمندو رهيو ليڪن مان پنهنجي تياريءَ ڪي لڳي ويس. "پنهونءَ پڇاڻان، ڏينديس باهہ ڀنڀور کي" واري فڪر ۾ اچي ڦاٿس. بابي سائين ۽ شيخ غلام محمد کي ان حقيقت جي خبر پئجي وئي. مون سوچيو تہ ڀاڙي واري مائي پشورڻ کي پاڻ سان وٺي، ڊاڪٽر مرحوم جو پيڇو ڪيان، ليڪن اها صلاح بہ نہ ٿهي. وري سوچيم تہ ڊاڪٽر مرحوم کي تار ڪيان، ليڪن تار ڪرڻ کان اڳ پاڻ تار موڪليائين، جنهن ۾ مون کي سندن خط جي انتظار ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي هئي. بابي جن جو چوڻ هو تہ تون نہ وڃ، اسان ماڻهو موڪلي ڊاڪٽر صاحب کي واپس گهرايون ٿا. ان ارادي سان حاجي شاهہ بخش ۽ ادو شيخ حسن بمبئي موڪليا ويا، ڇو تہ ان زماني سمنڊ پار سفر لاءِ اتان روانو ٿيڻو پوندو هو. مٿان اچي ڏاڍا مينهن پيا، جنهن ڪري ظاهراً ائين ٿي لڳو تہ شايد ڊاڪٽر مرحوم ۽ مان جدا ٿي وڃون. گهر وارا تہ مون کي گهٽا ئي آسرا پيا ڏين، پر مان پاڙي وارن ۽ الله واسي ماڻهن جي همدردي ۽ خيرخواهي ڪڏهن بہ نہ وساري سگهنديس. ڪهڙا ڀلا ماڻهو هئا! ڪنهن کي تڪليف ٿي تہ سڄي پاڙي اوڙي جي ننڊ حرام ٿي ويندي هئي. ور ور ڪيو پيا ايندا ۽ دلجايون ۽ آسرا ڏيندا. هر قسم جي مدد ڪندا ۽ دل کي آٿت ڏيندا. سچ پچ اهڙن ماڻهن جي همدردي ۽ سچائي ڏکويل دل جو گهڻو بار لاهي وجهنديون هيون. ڊريل ماڻهو بہ هيڪر دل ڪري وجهندو هو ۽ زندگيءَ جي ڪڙيڙ واري رستي تان ٿڙڪي ٿابڙجي وڃي پاڻ پرو ٿيندو هو. سبحان الله ڪهڙو عجب وقت هو. تعليم بہ گهٽي ڪانہ هئي، پر ماڻهن ۾ ماڻهپو هو ۽ دليون انساني اخوت ۽ همدرديءَ سان لبريز هيون.

برعڪس ان جي، مان جڏهن هاڻوڪيون حالتون ڏسان ٿي تہ دل کي رنج ٿئي ٿو. علم بہ هاڻي گهڻو ئي عام ٿيو ليڪن ائين ٿو معلوم ٿئي تہ ماڻهن پڙهڻ تي زور رکيو ۽ ڪڙهڻ ڇڏي ڏنو. شهرن ۾ تہ ٿهر لڳو پيو آهي. هڪ گهر ۾ رهندڙ کي سامهون گهر ۾ رهندڙ جي خبر ڪانهي، جي هيٺ ٿو رهي تہ مٿئين طبقي وارن سان واقفيت ناهي ۽ جي مٿي ٿو رهي تہ هيٺئين سان همدردي ڪانهي. گهر کان ٻاهر نڪرن تہ ٻوٽ ٻڌيو پيا گهمن. نہ سلام، نہ دعا، هيءَ ڪهڙي زندگي ڇٽبي!

سو مون ڳالهه تي ڪئي تہ اسان جي پريشانيءَ ۾ غيرن جي ننڊ حرام هجي. سيد محمد شاهہ غلام حسين پاتولي، يعقوب پاتولي ۽ جان محمد منشيءَ جا اسان ڏانهن روزانا پنڌ هجن. آسرا ۽ اميدون ڏين تہ گهبرايو نہ. مڙئي خير آهي. منهنجي ۽ ڊاڪٽر مرحوم جي ڏي وٺ تارن ذريعي 10 ڏينهن ٿيندي رهي، آخر ۾ لکيائون تہ: "مان ڪو پڇي ڪونہ آيو آهيان. سڀ ڪجهہ پنتي ڇڏي آيو آهيان. سفر جي تڪليفن مون کي اڪيلي اُسهڻ تي مجبور ڪيو آهي، پر جيڪڏهن توهان اچڻ لاءِ تيار آهيو تہ منهنجيون اکيون ٺڏيون. بسم الله ڪري هليا اچو." بابو مرحوم اسان جي سنيرڻ تي ناراض هو پر منهنجي مرضي ڏسي ادي سان گڏ موڪلڻ تي آماده ٿيو.

سو مون ڳالهہ تي ڪئي تہ سيني جي مخالفت جي منهن ۾ مون سفر جو سانباهو ڪيو ۽ احساس جي ايڏي اونهائيءَ ۾ پاڻ کي لڏم جو چڻ تہ منع ڪندڙ ساهيڙين ۽ مٽن مائٽن کي ائين چئي رهي هيس تہ:

سفر سندي سڌ، متان ڪا مون سان ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏوريندئون.

سڄو پريل گهر ڇڏي، هڪ بسترو کڻي، ٻن ٻارن ساڻ، حيدرآباد کي خدا حافظ چئي، اهڙي سفر تي رواني ٿيس، جنهن جو منزل مقصود مون کي معلوم ڪونہ هو ۽ جنهن جي ڏکن ڏاکڙن جو تخمينو ڪرڻ منهنجي لاءِ مشڪل هو. اهڙي ڪيفيت جو هجڻ هڪ فطري ڳالهہ هئي. پينرون پاڻ سوچين تہ جنهن علائقي جي مردن لاءِ هي پهاڪو ٺهي چڪو هجي تہ: "سنڌي گهر جا ڪڪڙ آهن" اتي جي عورت الله جو آسرو ڪري، ڏوراهين سفر ڪرڻ لاءِ نڪري پوي، هيءَ هڪ نئين ڳالهہ هئي ۽ مان سمجهان ٿي تہ سنڌ جي مسلمان عورتن جي تاريخ ۾ هي پهريون واقعو هو جو گهرو آسائش ۽ آرام کي ڇڏي سفر جي غير يقينيءَ ۾ ٽپو ڏنو ويو هجي ۽ اهڙي زندگيءَ کي اختيار ڪيو ويو هجي، جنهن جي لاهين چاڙهين جي ڳل ڪنهن کي ڪانہ هجي. ايتري قدر جو ان کان خود مسافر اڻ ڄاڻ هجي.

خير، مان تہ "جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ بہ ايڏيائي مڱان" جو ورد زبان تي آڻي رهي هيس. بابو مرحوم تہ دل نہ جهلي سگهيو ۽ غلام محمد شيخ سان اتي ئي موڪلايائين. باقي ماڻهو اسٽيشن تائين گڏجي هليا. ان زماني ۾ ولايت وارو سفر بمبئي کان شروع ٿيندو هو. ان ڪري اسان ريل بہ بمبئي

واري ورتي. غلام حسين پاتوليءَ بمبئي تائين اسان جو ساٿ ڏنو. بمبئي اسٽيشن تي، اسان جي انتظار ۾ اڳ ئي مرحوم شيخ صاحب بيٺو هو. سندس مٿي تي ترڪي ٽوپي ۽ فل سوٽ واهه جا ٺهيا ٿي.

ملاقات کان پوءِ معلوم ٿيو تہ سنت ٿي ساموندي سفر اختيار ڪرڻو آهي. جهاز ۾ جڳهہ جو سوال ڏاڍو پيچيدو هو ڇو تہ اهو اڳ ۾ ئي پرچي چڪو هو پر اسان جا ڀاڳ بہ نرالا هجن. خبر پئي تہ ولايت ويندڙ هڪ انگريز آخري وقت سفر جو خيال لاهي ڇڏيو جنهن ڪري سندس ڪمرو خالي آهي. "انڌو گهري الله کان هڪ اک، پر جي ٻئي ملنس تہ باقي ڇا گهرجيس!" اسان موقعي جو فورًا فائدو ورتو ۽ ڊاڪٽر مرحوم کي خدا بهشت ۾ جايون ڏئي، بندوبست ڪري اسان کي وٺي وڃي جهاز ۾ ويهاريائين. ان ڏينهن، ڊاڪٽر صاحب منهنجي لاءِ هڪ ڪارو برقعو ۽ هڪ قلي وٺي آيو.

جهاز جو سفر شروع ٿيو جو منهنجي لاءِ بلڪل نئون هو. ويئي ويئي وڻ ۽ زمين اسان جي اکين کان اوجهل ٿي ويا. هر طرف ڪارو سمنڊ هجي. مٿان آسمان، هيٺان پاڻي، اڪيلا اسان ۽ سائين منهنجو ساٿي.

الله جيئن نالو تيئن مون وڏو آسرو
خالق تنهنجي ڪاند جو پرو پاند نہ ڪو
نالو رب سندو رهيو آهي روح ۾.

سو مون ڳالهہ تي ڪئي تہ جهاز ۾ ڪاڏي ۽ رهائش جو بندوبست اعليٰ درجي جو هو. هڪ ڏينهن جيئن اسان ويٺي ماني ڪاڏي، تيئن جهاز کي وڏو لوڏو آيو. ان کان پوءِ اسان کي اچي الٽي لڳي، جنهن ڏاڍو گهڻو ستايو. مس مس ڪري وڃي بند ٿي. اسان سوچيو تہ لوڏن تي پاڻ کي عادي ڪرڻ لاءِ، جهاز ۾ اندر گهمڻ گهرجي. ان کان پوءِ، اسان جهاز جي مختلف طبقن ۾ گهمڻ جي مشق شروع ڪري ڏني سين. وقت گذرندو رهيو ۽ 9 ڏينهن جي سفر کان پوءِ اچي پورٽ سعيد ۾ پهتاسين. جهاز مان لهي، پر واري هوٽل ۾ 3 ڏينهن قيام ڪيوسين. اتي اسان کي غلام نقشبند پٺاڻ بہ ملي ويو جيڪو سرمي جو ڌنڌو ڪندو هو. هن مهربان اسان جي ماني جهلي، جنهن ۾ گدرا بہ خوب کارائين.

ٽن ڏينهن جي مختصر قيام کان پوءِ، اسان وري جهاز ۾ سوار ٿياسين ۽ 30 ڏينهن جي ڏکي سفر کان پوءِ، اچي حافي بندر تي لٿاسين. هتي حافي

جي هڪ هوٽل ۾ ويچي رهڻ لڳاسين. هوٽل جي ڊاڪٽر ڏسي، مون کي ائين معلوم ٿيو ڄڻ تہ مان هتي اڳ آئي آهيان. جڏهن سوچيم تہ ياد آيم تہ اها ڊاڪٽر مون ڪيترا ڏينهن اڳ خواب ۾ ڏٺي هئي، وري قدرت اهڙي ٿي جو منهنجو پورو خواب مچين جي قسمن متعلق بہ سؤ سيڪڙو سچو ثابت ٿيو. ان هوٽل ۾ ڊاڪٽر مرحوم پنهنجو سمورو پروگرام مون کي ٻڌايو. چيائون تہ هاڻي ٿا مدينې منوره ۾ مستقلاً سڪونت اختيار ڪريون. اهڙو فيصلو ڪري، ريلوي ٽڪيٽ وٺي مديني ڏانهن روانا ٿياسين.

مديني شريف ڏانهن سوار ٿيڻ کان پوءِ، اسان جي دل جي ڪيفيت اهڙي عجيب هئي، جنهن کي دائره بيان ۾ آڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. مديني ۽ مڪي سان، مسلمانن جو جيڪو دلي لاڳاپو آهي، اهو تہ سيني کي معلوم آهي. ننڍي هوندي، مسجدن ۽ گهٽين ڳلين ۾، مشتاق مولودين کي هي مولود آلاپيندي ٻڌي چڪي هئس تہ: "مديني جون ماڙيون الله شل ڏيکاري" اهو خاڪو اهو نقشو منهنجي اکيان قرڻ لڳو ۽ مديني پهچڻ کان اڳ، مديني جون ماڙيون منهنجي تصور ۾ ترڻ لڳيون.

ان ريل ۾ سوار ٿيڻ کان پوءِ مذهبي مزو وڌي ويو. مون پهريون دفعو ڏٺو تہ اسان جي ريل گاڏي اهڙي هئي، جنهن ۾ نماز باجماعت پڙهڻ جو بندوبست رکيل هو. نماز جي وقت تي ريل بيهاري وچي پئي ۽ نمازي نماز ادا ڪندا رهن پيا. اسان ڏينهن جو 3 بجي ڌاري، مديني منوره ۾ پهتاسون. اهي مرڪندڙ ماڙيون ۽ سهڻيون سڙڪون اکين اڇي ڏٺيون سين.

مديني شريف ۾ اسان جي رهنمائي اتي جو هڪ معلم ڪري رهيو هو جنهن في الحال تہ اسان کي پنهنجي گهر ۾ رهايو. هن پلاري شهر کي جا روحاني حيثيت حاصل آهي، ان کان ڪو مسلمان ناواقف نہ آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ سڄي عالمِ اسلام لاءِ مڪو ۽ مدينو بہ اهڙا روحاني مرڪز آهن، جن سان مسلمانن کي والهانہ عقيدت آهي. مڪي شهر ۾ بيت الله آهي ۽ آخري نبي محمد رسول الله ﷺ پيدا ٿيو ۽ ڏيهن لاءِ روشن ڏيئو ڪٺي نڪتو ۽ مديني ۾ ڪيس ڏکئي وقت ۾ روحاني اطمينان ۽ قلبي قرار مليو. آخر ۾ ان ئي شهر ۾ سندن آخري آرام گاهہ ٺهيو. هنن شهرن جي چوگرد، اسان مسلمانن جي تاريخ ٺهڻ شروع ڪيو ۽ انساني عظمت جي ان درجي کي حاصل ڪيو جنهن جو مثال نٿو ملي. اهڙي دلي لڳاءَ جو نتيجو هي نڪتو آهي جو

مسلمان – پوءِ اهو اولهه ۾ هجي، آمريڪا ۾ هجي، اوڀر ۾ هجي يا جاوا ۾ – پنهنجي دل ۾، مڪي ۽ مديني جي ديدار ڪرڻ جي خواهش ڪي ساهه سان سانديندو آهي ۽ اشڪ آيل اکين سان موقعي جي تلاش ڪندو آهي.

سو مديني ۾ پهچڻ تي، اسان ٻنهي کي جا خوشي ٿي هئي، ان کي آءٌ قلم ۾ قابو نٿي ڪري سگهان ۽ نه زبان سان بيان ڪري ٿي سگهان. هيءَ دل جي ڪيفيت آهي، جنهن جي ميناج ۽ مزي کي محسوس ڪري سگهان ٿي ۽ بس جڏهن مديني ۾ داخل ٿياسون ۽ مسجد نبوي جي نيلن تي نظر پئي، تڏهن ائين محسوس ٿيو جڻ ته منزل مقصود حاصل ٿي رهيو آهي ۽ اسان جي زندگيءَ جي آخري خواهش تڪميل کي پهچي رهي آهي. اهڙي حاصلات وقت، انسان کي جيڪو دلي سڪون نصيب ٿيندو آهي ۽ جنهن قلبي قناعت جو قائل ٿي پوندو آهي، اسان ٻئي اهڙي اڻ لپ خزاني جا ان ڏينهن مالڪ ٿي پياسون.

اسان جي ان قلبي قناعت جو ثبوت هن حقيقت مان ملندو ته پهچ واري ڏينهن ئي وچين نماز ڊاڪٽر مرحوم حرم ۾ ادا ڪئي. مديني شهر ۾ اسان کي حاجي محمد اسماعيل (چٽل) به ملي ويو. سنڌين جي رهبري ڪرڻ ۾ اتي جو معلم حاجي احمد سراج مشهور هو جيڪو هڪ ڏينهن، شيخ صاحب سان گڏجي مون کي وٺڻ آيو. اهو منهنجي زندگيءَ جو پهريون ڏينهن هو جڏهن مان پيرين پنڌ هليس ۽ روزو اچي سراج جي گهر ڪوليوسين. سراج صاحب اسان جي ڏاڍي گهڻي خاطرداري ڪئي. اسان جي هيءَ مهمان نوازي گهر جي ٿئين ڪڏ تي ڪئي وئي. بلڪل پنهنجي ٻوناٽي نموني سان، روزو چانورن ۽ کير تي رکايو ويو. ان ڏينهن وارو منظر ۽ ٻوناٽي ڪاڏي جي دعوت، مون کان اڃا تائين نه وسريا آهن.

بمبئي کان جڏهن اسان روانا ٿيا هئاسين، ان وقت اتي سيٺ يعقوب سان ملاقات ٿي هئي، جنهن کي پنهنجي حيدرآباد واري گهر جون چابيون ڏنيون ويون هيون ۽ کيس ان جي سنڀال جو ذمو ڪٺايو ويو هو. هن شريف ماڻهوءَ، جڳهه مسواڙ تي ڏئي چڏي ۽ مسواڙ جا پئسا اسان لاءِ گڏ ڪندو ويو. باقي گهر وسامان، اسان جا پيا ضرورتمند مائٽ، پنهنجي استعمال لاءِ کڻي ويا.

سو مون ڳالهه تي ڪئي ته مديني ۾ اسان رهڻ لڳاسين. انهن ڏينهن ۾ گرم اونهارو هجي، جنهن جو مقابلو ڪرڻو هو. ڊاڪٽر مرحوم پاڻ ته

پنهنجون نمازون باجماعت حرم ۾ پڙهڻ ويندو هو ۽ هڪ ڏينهن مون کي به اهڙي تلقين ڪيائين، ڇو ته عورتن جي شموليت جو بندوبست به هو. مون به حرم ويڃڻ شروع ڪيو ليڪن شافعي جماعت سان شريڪ ٿي سگهندي هيس، جيڪا سيني جي آخر ۾ ٿيندي هئي.

ڪجهه ڏينهن رهڻ کان پوءِ محسوس ڪيوسين ته اسان کي گهر لاءِ پنهنجي جڳهه هئڻ گهرجي. سو هٿ پير هڻڻ لڳاسين. آخر ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ 20 ريال جي مسواڙ تي، هڪ ڪمري واري جڳهه ملي وئي، جتي سامان کڻي وڃي رهڻ لڳاسين. مهيني کن گذرڻ کان پوءِ محسوس ڪيوسين ته ڪو مستقل ڌنڌو اختيار ڪجي، ته جيئن يقيني روزگار ٿيندو رهي. اسان جيڪي پئسا پاڻ سان آندا هئا، تن مان ڪافي خرچ ٿي ويا هئا ۽ باقي وڃي ڏيڍ هزار کن بچيو هو.

مديني شهر ۾ هڪ وڏي اسپتال هئي، جنهن جو انچارج ڊاڪٽر امين آفندي هڪ ترڪ هو. ڊاڪٽر مرحوم به طبي ڪم ٿي ڪري سگهيو ٿي، تنهن ڪري هڪ ڏينهن مذڪور ڊاڪٽر سان وڃي مليو ۽ پنهنجي نوڪريءَ لاءِ درخواست به ڏنائين. ڊاڪٽر آفندي نوڪري ڏيڻ کان ان ڪري انڪار ڪيو جو ڊاڪٽر شيخ مرحوم اتي جي ٻوليءَ کان اڻ واقف هو. اهڙيءَ طرح سان اتان به جواب مليو.

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر مرحوم ڳالهه ڪئي ته مديني ۾ بريلوي جو هڪ واپاري، رياض الدين نالي رهي ٿو جنهن کي نوڪر جي ضرورت آهي. ڊاڪٽر مرحوم جيڪو محنت مزدوري جي اتم هجڻ (Dignity of Labour) جو قائل هوندو هو ان کي اهڙي نوڪريءَ ۾ ڪو عيب نظر نه ٿي آيو. پڇاڻي تي ٻڌايائين ته صبح جو سندس دڪان جي ٻهاري ڏيڻي پوندي، سندس گهر روزانو بازار مان ڀوڄ ماني خريد ڪري ڏيڻو پوندو، منجهند جي ماني گهران کڻي دڪان تي پهچائڻي پوندي ۽ شام جو دڪان بند ڪرڻو پوندو. منهنجي حيرت جي انتها نه رهي جڏهن معلوم ٿيو ته ان ڪم جي عيوضي ۾ ڊاڪٽر مرحوم کي فقط 15 روپيا ماهوار ملندا. جنهن جي معنيٰ اها ٿي ته کاڌو خوراڪ پنهنجن جيبن مان پوري ڪرڻي پوندي، پر مسواڙ ڀرڻ ۾ به گهران 5 روپيه ڏيڻا پوندا. ازان سواءِ مون جڏهن ٺڏي دماغ سان ان تي سوچيو ته هن نتيجي تي پهتس ته هي ڪم ڊاڪٽر مرحوم جي وس کان ٻاهر ٿيندو تنهن

رهيا آهن. جڏهن ته ٻه جتي ته عيسائيت کي موقعو مليو اسلام کي ڌڪ هڻي ڪيڍيائين. جتي زور نه لڳن، اتي جدا جدا روپ ڌاري، اسلام جي سلامتيءَ واري سيلاب کي ٻيائي جا ٻنڌ ٻڌا ڏنا. محبتي ميلاپ جي رستي ۾ رڪاوٽون وڌيون ويون ۽ منافقت جي ميناج سان اندر داخل ٿي، اسلام جي عمارت جون پاڙون ڪمزور ڪيون ويون. مطلب ته هر قسم جا حربا هلايا ويا ته جيئن اسلام جي وڌ ۾ واڌ نه اچي، ته جيئن ننڍڙڪا انسان ۽ ڇوريون قومون، ان جي ڇانوَ ۾ آرام نه وٺن، ته جيئن عيسائيت کي نقصان نه پهچي.

تاريخ شاهد آهي ته مختلف دورن ۾ اسلام جي اوسر ڏسي متعدد دفعا، پنهنجا ويڇا وساري، عيسائي قومون اسلام خلاف جنگيون لڙيون آهن ۽ ڪمزوريءَ واري حالت ۾ غير عيسائين سان وقتي ميلاپ ڪري، شرمناڪ دوکي بازيون ڪيون ويون آهن. ان لاءِ ته جيئن اسلامي اتحاد وجود ۾ نه اچي وڃي.

سو مون ڳالهه تي ڪئي ته پنهنجي عادت پٽاندڙ ترڪن جي سياسي اثر کي ڏسي، عيسائي سڙيا ٿي ۽ ٻريا ٿي. ظاهرًا عربن سان دوستيءَ جو دم هڻي، ترڪن جي دشمنيءَ جو داءُ ڪري، "تورا ڪٽان ٻه ٽالهيءَ ۾ چڱا" واري پهاڪي تي هلندي، پنهنجيون پنهنجيون حڪومتون ٺاهي ويهي رهڻ واري راند ڪري، انگريز مشرق وسطيٰ جي مسلمانن کي هڪ اهڙي خطرناڪ رستي تي، هلائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جو وري قيامت تائين شل گڏ ٿين.

منهنجو اشارو ان محدود قوميت واري نظرئي ڏانهن آهي، جيڪو انگريزن جي هلايل حڪمت عمليءَ جو پهريون پٽ آهي، جيڪو جيئن پوءِ تيئن وڌندو زهر ڦهلائيندو. عربن جي عقل ۾ اها ڳالهه آئي ته ازل کان افضليت کين مليل هئي ۽ ترڪ وري کهڙي باغ جي موري آهن. هاڻي اسان تي حڪومت نٿا ڪري سگهن. اهڙي سوچ ويچار ۾ هنن اهو ڪونه سمجهيو ته هر ڪنهن جي هنڌي ڏار ڇڙهڻ کان پوءِ مسلمانن جي مرڪزيت ختم ٿي ويندي، اتحاد الله واهي چوندو ميٺ محبت موڪلائي ويندي ۽ ترڪي تخت جي تري نڪرڻ سان، اسلام جي لامحدود قوميت جو لاهه نڪري ويندو.

انگريزن جي ان مهم جو اثر اهو ٿيو ته عرب اڪيون پٽي اٿياءِ ترڪن کان جند ڇڏائي پنهنجون پنهنجون حڪومتون مختلف جغرافيائي حدن اندر قائم ڪري ويهي رهيا. محدود قوميت جو نظريو جيڪو صاف صريحًا غير اسلامي هو ۽ جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ اسلام هٿيار سنياليا هئا. تاريخ

جي ان عجيب موڙ تي، عين اسلامي سمجهي اختيار ڪيو ويو. ترڪ تہ پنهنجو رستو وٺي هلندا رهيا. هڪ جهنڊي هيٺ اٿيل يا اٿاريل، عرب ويهہ واٽون وٺي نڪتا ۽ وقت گذرڻ سان هڪ ٻئي کان ايترو پري پوندا ويا جو هاڻي جيڪڏهن ٻي بسي ۾ مجبوري محسوس ڪندي، هڪ ٻئي کي سڏ بہ ڪن تہ ڪونہ ٻڌندا.

سو مون ڳالهہ تي ڪئي تہ انگريزن جي گمراهہ ڪن پروپيگنڊا کان متاثر ٿي عرب اٿيا ۽ ترڪن خلاف سازشون ڪرڻ لڳا. ان حقيقت ٻين ملڪن جي مسلمانن کي گهڻو ملول ۽ مايوس ڪيو. هندوستان جي مسلمانن ۾، خصوصًا ڪي تحريڪون اٿيون، جن جو مول مقصد اهو هو تہ عربن کي ان خطرناڪ رستي تي هلڻ کان روڪيو وڃي ۽ انگريزن جي ٻاريل باهہ کي ڪنهن طرح وسايو وڃي ۽ هندوستان ۾ ترڪن جي همدردي ان ڪري بہ زياده هئي، جو مسلمانن انگريزن جي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ تي گهريو ۽ اهو مقصد تڏهن ئي حاصل ٿي سگهيو ٿي، جڏهن ڪنهن مسلمان حڪومت جا هٿ مضبوط ڪيا وڃن. هندوستاني مسلمانن کي، ترڪن ۾ وڏيون اميدون هيون ۽ انگريزن خلاف تحريڪن ۾ حصي وٺڻ جي نتيجي ۾ ڪيترن عالمن کي جلاوطن ڪيو ويو ۽ ڪيترن کي جيلن ۾ بند ڪيو ويو هو. انهن پهرين صف جي عالمن ۾ مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا حسين احمد مدني، مولانا محمود الحسن شيخ، مولانا سعيد احمد ۽ مولانا محمد صديق اچي وڃن ٿا. مولانا سنڌي مرحوم کي افغانستان ۾ پناهہ وٺڻي پئي ۽ مولانا مدني ۽ مولانا سعيد احمد مديني ۾ اچي نڪتا. انهن آزاديءَ جي تحريڪن ۾ ڊاڪٽر مرحوم شمس الدين بہ شروع کان وٺي حصو وٺندو رهيو هو. مديني واري عرصي ۾، اسان جو گهر مٿين جلاوطن هندوستاني عالمن جو مهمان خانو هو ۽ ڊاڪٽر مرحوم سنڌن خاص مشير هو.

آءٌ مٿي ٻڌائي چڪي آهيان تہ انگريزن عالم اسلام خلاف وڏي چالبازي رٿي هئي ۽ ان تحريڪ کان متاثر ٿيندي، مديني جو حاڪم شريف علي انگريزن جي هٿن ۾ ڪيڏڻ لڳو. هن ترڪن خلاف بغاوت ڪئي. هندوستان جا وڏا وڏا عالم ڪيس سمجهائڻ لاءِ آيا تہ ترڪن جي مخالفت واري غلطي نہ ڪر. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ مولانا حسين احمد مدني، مولانا محمد صديق، مولانا سعيد احمد بہ هن مقصد لاءِ مديني ۾ پهتا ۽

ڪري ڪا ٻي ترڪيب ڪرڻ گهرجي.

مون کي هڪ نئين ڳالهه دماغ ۾ آئي. مون ڊاڪٽر صاحب کي چيو تہ توهان بزار مان ڪجهه ڪپڙي جو ٽڪرائو خريد ڪري اچو تہ مان انهن مان سهڻيون قميصون ٺاهيان، جيڪي شايد شهر ۾ چڱي اگهه وڪامجن. ڊاڪٽر مرحوم بہ انڪار نہ ڪيو. بزار مان 6 روپين جو ڪپڙي جو ٽوڪرائو وٺي آيا. مديني جي بزار چئي ڪٽي بس ڪر. ڏاڍي سٺي لڳندي هئي. مون کي بہ قميصن ٺاهڻ جو هنر مڙئي چڱو ايندو هو سو پرديس ۾ مُنجهيس ڪانہ. سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اڳئين زماني ۾ مائرون پنهنجا حق ۽ جوابداريون خوب پورا ڪنديون هيون. اڄ ڪلهہ وانگر رڳو سُستيءَ ۽ غفلت ۾ ڪين گذاريندي هيون. نياڻيءَ ٻار کي سڌارڻ ۽ تربيت ڏيڻ ۾ پاڻ وڏيڪ محنت ۽ جفاڪشي ڪنديون هيون. چونديون هيون تہ: ”پٽ! نياڻيءَ جو ٻار اسان وٽ هميشہ ڪونہ رهندو. هڪڙي ڏينهن ضرور وڃي پرائو گهر وسائي. پرائي گهر ۾ ڪم وٽندو چم نہ وٽندو. پاڻ وٽ تہ اڻ ڄاڻ ڏيءَ بہ وقت گذاري ويندي پر پرٽي ڪان پوءِ تہ ضرور ٻين وٽ گذاري. اتي پنهنجو هنر ۽ ڄاڻ ڪم ايندس، تنهن ڪري نياڻيءَ کي ويلو ويهڻ نہ ڏجي. ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ هٿجيس، ان ۾ سندس ئي ڀلو آهي.“ ٻئي طرف هاڻي حالتون هي آهن جون مائرون اها ڊگهي نظر ڪونہ ڪن، گڏهہ واري نظر پيرن ۾ رکن. گهر ۾ نياڻيءَ کي ڪک نہ سهن ۽ وڏي ناز نخري سان ڪين پالين. پڇا ڪرڻ تي جواب ڏينديون تہ: ”نياڻي چئن ڏينهن جي پاڻ وٽ مهمان آهي، ٻئي جي ور تہ ڪيس چڙهڻوئي آهي. ڪم جا ڏينهن اتي ايندس، هتي تہ ڀلي آرام ڪري وٺي.“ ائين ڪرڻ سان حقيقت ۾ نياڻيءَ سان ظلم ڪيو وڃي ٿو. هوءَ ڪوبہ ڪم ڪونہ ٿي سکي سگهي. آرام جي عادي ٿي پوي ٿي. گهرو ڪم ڪار کان اڻ واقف هجڻ سبب، هر گهڙي مهڻي هاب ٿئي ٿي. پوءِ جيڪڏهن ان وقت افسوس جون ترين مهٽيائين تہ ڪهڙو فائدو؟

سو مون ڳالهہ ٿي ڪئي تہ امان مون کي مڙئي چڱو ڪيڙيو هو ۽ گهڻو ڪري سيني ضروري ڪمن جي منهن وجهي ڇڏيو هئائين. مون کي ان تربيت ۽ ڄاڻ جي افاديت جو ان ڏينهن ڏاڍو احساس ٿيو. پينرون پاڻ سوچين تہ مون کي قميصن ٺاهڻ وارو هنر، پرديس ۾ ڪيترو نہ ڪم آيو!

چولي جيترو ڪپڙي جو ٽڪر اسان کي گهر ۾ وڃي 5 آني پيو. چولو

ٺاهي نڪي جڏهن بزار ۾ وڪيوسين تہ ڏيڍ روپيو نفعو ٿيو. بس پوءِ ان رفتار سان 2 چولا ڏهاڙي ٺاهيان پئي ۽ اهڙي طرح 3 روپيہ نفعو گهر ويٺي ڪمايان پئي. عزت وارو روزگار چڱو ٿيڻ لڳو. هي قميصون ٺاهي قاضي ذاڪر مٿيارين واري کي ڏيندا هئاسين، جيڪو پنهنجي گاڏڙي تي ڪٽي ٻين شين سان گڏ گهمائيندو هو. وڪري کان پوءِ پئسا اسان جي حوالي ڪندو هو. ان وقت اسان محسوس ڪيو تہ سنڌ جي ڪاڏي وارو طريقو اسان لاءِ مهانگو ٿي پيو. ان ڪري ضرورت مطابق بہ ان کي مقامي حالتن جي مدنظر بدليو ويو.

هڪڙي ڏينهن الله جو اهڙو ٿيو جو رانجهو نالي هڪ ماڻهوءَ جي گهر واري سخت بيمار ٿي پئي ۽ هو ڊاڪٽر صاحب کي پنهنجي گهر وٺي ويو. ڊاڪٽر مرحوم کيس بيمار ڏسي، دوا لکي ڏني، جنهن مان مائيءَ کي معجزانہ طرح فائدو ٿيو. ايتري قدر جو ٻئي ڏينهن صبح جو مائيءَ اٿي ماني ڪاڏي، بس. هن علاج جو بهانو ٿيڻو هو ٿن ڏينهن ۾ مائي صفا خوش چڱي ڀلي ٿي پئي. ڊاڪٽر مرحوم کي ان واقعي ڪان ڏاڍي گهڻي ۽ مفت پبلسٽي ملي وئي. ٻئي ڏينهن تي مٿين رياض الدين جي زال ۽ پٽ بيمار ٿي پيا. رانجهي کان کيس خبر پئي تہ ٿورو وقت اڳ سندس دڪان جي نوڪري ڪرڻ لاءِ رضامند نوجوان لاٿاني ڊاڪٽر آهي. سو پنهنجي ياتين جي علاج لاءِ ڊاڪٽر صاحب ڏانهن ماڻهو موڪلياٿين. پهريائين تہ ڊاڪٽر مرحوم وڃڻ کان انڪار ڪيو ليڪن بعد ۾ ويو. کيس هڪ گيني فِي ملي. ان کان پوءِ هڪ ترڪ بيمار آيو جنهن طبيعت ڏيکاري. ڊاڪٽر مرحوم کي 2 گينيون فِي ڏني. اهڙي طرح روزگار جو طريقو کلي پيو ۽ روزانو صبح جو 12، 14 بيمار اسان وٽ اچڻ لڳا. ڊاڪٽر مرحوم جي هٿ ۾ رب سائينءَ وڏي شفا رکي هئي، جنهن ڪري مريضن کي ترت فائدو رسيو ٿي. ان سان گڏ اسان جي ڪمائيءَ ۾ بہ چڱو خاصو واڌارو ٿيڻ لڳو.

روزگار جي وسعت، اسان جي سماجي مقام ۾ گهڻو فائدو آندو. اهو ساڳيو رياض الدين، اسان کي پنهنجو مٽ ٿاني دوست تصور ڪرڻ لڳو جيڪو ڪجهہ وقت اڳ ڊاڪٽر صاحب کي پنهنجي دڪان ۾ 15 روپين واري ملازم جو درجو ڏئي رهيو هو ۽ دوست بہ اهڙو جو ڊاڪٽر صاحب کي پاءُ ۽ مون کي ڀيڻ سڏڻ لڳو. اسان جي هر مسئلي ۾ گِهري دلچسپي وٺڻ. جڏهن کيس معلوم ٿيو تہ اسان ڪنهن بهتر ۽ مستقل مڪان جي تلاش ۾ آهيون تہ

فورًا پنهنجي ماءُ ۽ ماميءَ کي اسان جي گهر موڪليائين. جن اسان کي اچي هيءَ خوشخبري ڏني ته جيڪڏهن اسان چاهيون ته سندس شهر واري بنگلي ۾ رهي سگهون ٿا. پاڻ پنهنجي ڀهراڙيءَ واري جاءِ ڏانهن منتقل ٿيڻ لاءِ تيار هئا.

اسان جي ٻارن تي به رياض الدين ڏاڍو گهڻو مهربان هو. هڪ ڏينهن کين اسڪول ۾ داخل ڪرڻ کان اڳ ۾ مقامي عربي لباس ٺهرائي ۽ ضروري ڪتاب به خريد ڪري ڏنائين. ٻارن پنهنجي تعليم جاري ڪئي ۽ مديني جي گهٽين ۾ سندن آمدورفت شروع ٿئي.

ٻن مهينن جي عرصي کان پوءِ، اسان پنهنجي گهر جي هيٺئين طبقي ۾ منتقل ٿياسين ۽ رياض الدين پاڻ مٿئين طبقي ۾ رهڻ لڳو. اهڙيءَ طرح هاڻي پاڙيسريءَ جي حيثيت سان رهڻ لڳاسين. پورو هڪ سال ساڻس گڏ ساڳيءَ جاءِ ۾ رهڻ کان پوءِ، اسان ان جي پير ۾ ٻي جڳهه مسواڙ تي وٺي رهڻ لڳاسون. اسان ان عرصي ۾ چڱا آسودا ٿي پياسون ۽ نهايت عزت ۽ مزي سان زندگي بسر ڪرڻ لڳاسون.

چار سال اهڙيءَ طرح رهڻ کان پوءِ 3 تاريخ محرم ڏينهن، مون کي نياڻي ڄائي، جنهن جو نالو (اتي بيحد مقبوليت وارو) عائشه رکيو ويو. انهن ڏينهن ۾ آغا حسن جان حج ڪرڻ جي ارادي سان مديني ۾ آيل هو جنهن اسان جي آسودگيءَ ۾ اڃا به اضافو ڪيو. هن ڇا ڪيو جو پنهنجي ڪيسي مان، اسان کي پنج هزار روپيه ڏنا. جيڪي پاڻ واپس اچي حيدرآباد ۾ اسان جي گڏ ٿيل پئسن مان ڪنيائين. هي پئسا اسان جي زمينن جي مقاطعن ۽ مسواڙن مان جمع ٿيا هئا، جن جي سنڀال پير خان محمد ڪري رهيو هو. هي پير صاحب بعد ۾ مديني هجرت ڪري آيو هو ۽ اسان واري جاءِ جي هڪ حصي ۾ رهڻ لڳو. ان وقت ڏاري ضياءُ الدين ۽ مريم ترڪي ۾ مٿترڪ پاس ڪئي

انهن ڏينهن ۾ مديني جا اڪثر ماڻهو حج جي موسم ۾ خوب پئسا ڪمائيندا هئا. ڇا ڪندا هئا جو مسواڙ تي پنهنجن گهرن ۾ مسافر رهائيندا هئا. ليڪن اسان ائين ڪڏهن به ڪونه ڪيو ڇاڪاڻ ته اسان ان طريقي کي معيوب سمجهندا هئاسين. جيڪڏهن ڪنهن کي رهائبو هو ته اهو مهمان جي حيثيت ۾.

اسان جي رهائشي مڪان ۾ وري تبديليون آيون. ان ۾ ٽي فيمليون رهنديون هيون. مٿئين حصي ۾ اسان رهندا هئاسون، وچين ۾ پير جان محمد

رهندو هو ۽ هيٺئين ۾ مائي پير سڏل جي ماءُ رهندي هئي. انهن ڏينهن ۾ عالمي لڙائي گهڻو وڌي چڪي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ ضروري اشياءَ جي گهڻي قلت ٿي پئي. خاص ڪري ڪاڌي جون شيون مهانگيون ٿي ويون ۽ اناج راشن ڪارڊ تي ٿوري انداز ۾ ملڻ لڳو. اسان کي ست مانيون ملنديون هيون، جن ۾ ڪجهه حصو پير جان محمد جو هو ۽ جيڪو هو استعمال نه ڪندا هئا. اُن گرانيءَ جي زماني ۾ کير 12 آني سير، گوشت 6 روپيه سير گيهه 5 روپيه سير مليا ٿي. ان کان گيهه سولو ٿي مليو. ڪڪڙ ۽ چانور ته ملندا ئي ڪونه هئا. انن ۾ مهري دال سستي پوندي هئي. اسان دور انديشي کان ڪم وٺندي، اُن جون 2 ڳوٿيون خريد ڪري رکيون هيون، ليڪن اهي به ڪيترو عرصو هلي سگهيون ٿي؟ هڪ ويلو روٽين تي گذر ڪبو هو ته هڪ ويلو ڪڪڙ جي ڏاري تي. ازانسواءِ گجرن ۽ ڪجور کي به ڪاڌي طور استعمال ڪبو هو. اهڙي ڏڪار ۾ به فقيرن ۽ مسڪينن کي ڪونه وساريو ويندو هو. انهن لاءِ اڌ سير دال ۽ ڏيڍ سير چانور چاڙهي چڏبا هئا ۽ رب جي شڪل ۾ انهن کي ڏنا ويندا هئا. گهرن ۾ ڪاڌي کي زيان ٿيڻ کان هر حالت ۾ بچايو ويندو هو. رات جي بچيل ماني صبح جو دال يا پنير سان کائبي هئي.

حج جي موسم ۾ خوب خوشيون ڪيون وينديون هيون، جڻ ته هر گهر ۾ وهانءُ هوندو هو. مصر کان هڪ قافلو ايندو هو جيڪو مڪي ۾ بيت الله لاءِ سهڻو غلاف آڻيندو هو ۽ وري شام جو قافلو مديني لاءِ غلاف پهچائيندو هو. انهن قافلن جو وڏي پئماني تي استقبال ٿيندو هو. مديني جون گهٽيون، انهيءَ موسم ۾ واهه جي رونق وٺنديون هيون.

مديني شهر جي زندگي به عجيب هئي. عصر، مغرب ۽ عشاء جي نماز سيڪو حرم ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اهڙي قحط هوندي به زندگي اطمينان سان گذري رهي هئي. مديني جون عورتون، محنت ڪرڻ جون عادي هيون. گهر جو سمورو ڪم ڪار پاڻ ڪنديون هيون، کوهن مان پيئڻ ڍوئڻ لاءِ پاڻي پاڻ ڪيڊنديون هيون، گهرن ۽ گهٽين جي صفائي وٽنڌڙ نموني ۾ ڪئي ويندي هئي. عورتن ۾ برقعي جو رواج پابندي سان هوندو هو.

ڊاڪٽر صاحب جو خيال هو ته ڪنهن ماڻهوءَ جي شراڪت سان ڪو دڪان کولجي ته جيئن مستقل روزگار جو رستو نڪري، پر مون کيس ائين ڪرڻ ڪونه ڏنو. ڊاڪٽر صاحب محنت جو ايڏو قائل ۽ ان اصول تي عامل

هو جو هڪ گهڙي بہ نہ وڃائيندو هو ۽ بيمارن کي بہ توجهہ ڏيندو هو. ترڪن کي انگريزي سيکاريندو هو ۽ پاڻ ترڪي سکندو هو ۽ ساڳئي وقت حافظ عبدالرحمن کان قرآن شريف جي قرائت بہ سکندو هو. انهن غير رواجي مصروفيتن سبب گهر ۾ اڪثر دير سان پهچندو هو.

انهن ڏينهن ۾ جنهن ڳالهہ اسان کي ڪنهن حد تائين پريشان ڪيو هو سا هئي اسان جي پنهنجن مائٽن کان بي خبري، ڇو تہ جنگ سبب رستا بند ٿي چڪا هئا، مواصلاتي نظام درهم برهم ٿي ويو هو نتيجي ۾ اسان ۽ حيدرآباد درميان ڪنهن بہ قسم جي خط وڪتابت نہ رهي هئي. ان ڪري مان اڪثر گهبرايل رهندي هيس ۽ منهنجي ڪري وري ڊاڪٽر صاحب پريشان نظر ايندو هو.

مان مٿي رياض الدين جي خاندان جو ذڪر ڪري چڪي آهيان. هن خاندان ۽ اسان درميان مخلصانہ دوستي رهي آهي، جا اڃا سوڌو هلندي اچي. رياض الدين جي والده جو موت متعلق عجيب اصول هو. هوءَ چوندي هئي تہ ڪنهن جي مرڻ کان پوءِ نہ روئجي، ڇاڪاڻ تہ ان حالت ۾ نہ مري ويل کي فائدو پهچي ٿو ۽ نہ وري روئندڙ کي. البت ڪنهن جي بيماريءَ واري عرصي ۾ روئي، بيمار لاءِ الله کان رحمت حاصل ڪري سگهجي ٿي. ان فلسفي تي مائي ڏاڍي پابند هوندي هئي.

منهنجو خيال آهي تہ هن محفل ۾ مديني جي انهن مائٽن جو بہ ذڪر ڪريان، جن سان اسان جو سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح واسطو پيو ۽ جن اسان سان خوب نباهيو. هونئن تہ پنهنجي سڪونت واري عرصي ۾ مديني شهر جي مختلف طبقن وارن مائٽن سان رليا ملياسين، ڪاڏو پيتوسين ۽ ڪچهريون ڪيوسين، پر ڪن خاندانن سان، اسان کي ويجهڙائي جو واهپو ٿيو ۽ عزيزن وانگر اٿڻ ويهڻ جو موقعو مليو.

سچ پچ، انسان هڪ پکيءَ وانگر آهي، جيڪو ڪڏهن هت تہ ڪڏهن هت — پنهنجي روزگار جي تلاش ۾، پنهنجن پيارن کي پوئتي ڇڏي، پنهنجي ماڳ کان منهن ڦيري، عزيزن ۽ اَکيرن کي الوداع چئي، پنهنجن پرن جي پناري، دور دراز ملڪن ۾ وڃي مانجهاندو ڪندو آهي يا جيڪڏهن حالتن همدردي ڪيس تہ اتي وڃي آستانو اڏيندو آهي. فرق فقط اهو آهي تہ روزگار کان علاوه، انسان سان ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڳالهيون وابستہ آهن، جيڪي

ڪيس هڪ هنڌان نڪري ٻئي هنڌ رهڻ تي آماده ڪن ٿيون. اهڙين ڳالهين جو گهڻي ڀاڱي واسطو سندس جذبات سان آهي، جيڪي مذهبي محبت، روحاني راحت ۽ خدمت ڪرڻ جي شوق جي شڪلين ۾ نڪري نروار ٿين ٿا. انساني تاريخ شاهد آهي ته وڏي ۾ وڏا عالمي انقلاب، جذبات جي جولان سبب وجود ۾ آيا. هنن ڪي هن عالم ۾ آڻڻ لاءِ عقل نه پر امنگ ڪارفرما رهيو آهي. عقل ڪي سهارو ڏيڻ وارو انسان عمومًا بزدل ٿئي ٿو. هو سوچي ٿو ۽ سمجهي ٿو. جڏهن سمجهي ٿو ته ڏهن عمل واري واٽ تي وائڙن وانگر واجهائي ٿو. ظاهر آهي ته هن قسم جي هلت وارو انسان جوشِ عمل کان محروم رهي ٿو ۽ ڪنهن ڪم کي ڪري گذرڻ وارو موقعو وڃائي ويهي ٿو. ٻئي طرف وري جذباتي جوان عقل جو آسرو ڪونه ٿو ڪري، پر پنهنجي اٽيل امنگ تي اپري تڪميل تي پهچڻ جي تُرت تياري ڪري ٿو. فيصلي جي مونجهاري کان باز رهي، پنهنجي مقصد ڏانهن وڌڻ لاءِ وقت بچائي ٿو جيڪو ڪنهن به ڪم ڪرڻ جي منڍ واري مرحلي ۾ نهايت قيمتي آهي. اهڙي قسم جي رخ اختيار ڪرڻ سبب هن جي دل ۾ ٻئي خيال ڪونه ٿا پيدا ٿين، بلڪ هو هڪ منو رهي ٿو ۽ ان ڪري سندس قوت عمل عروج تي وڃيو رسي ۽ نتيجي پيدا ڪرڻ ۾ نٿو گسي. راهه رباني تلاش ڪندڙن لاءِ ته عقل کان وڌيڪ امنگ ٿي مفيد ثابت ٿي آهي شايدان ڪري ٿي عارف لطيف چيو ته:

الله ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سان مون پرين، پورائي ۾ پال ڪيا.

آئون مديني ۾ رهندڙ دوستن کي ياد ڪندي، ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهتس ۽ وڃي فلسطين جي ڦند ۾ ڦاٿس. مون ڳالهه هيءَ ٿي ڪئي ته اجوڪي محفل ۾ مان انهن همدردن جو ذڪر ڪريان، جن تائين پهچڻ ۾ به جذبات جو هٿ هو. جيڪڏهن ڊاڪٽر شيخ مرحوم عقل کي آتٽ ڏٺائي، سفر جي خطرن ۽ غير يقيني حالتن کي هنئين ۾ هنڊائي ها ته اسان شايد حيدرآباد کان ٻاهر پير نه ڪيون ها. جيئن مان مٿي ذڪر ڪري آئي آهيان، ڊاڪٽر مرحوم کي هن سفر اختيار ڪرڻ جي آمادگي، ان جذباتي جوش جي مرهون منت هئي، جنهن جذبي هيٺ هن لڙائيءَ ۾ زخمي مسلمان ڀائرن جي خدمت ڪرڻ ٿي چاهي. اها ئي ڳالهه آهي ته عرب ۾ اچڻ کان پوءِ، حالتون نهايت ناسازگار نظر آيون ۽ اهڙي ارادي جي تڪميل ڏاڍي ڏکي ٿي پئي.

هن کان اڳ آءٌ رياض الدين ۽ سندس خاندان جو ذڪر ڪري چڪو آهيان، جن اسان سان چڱا ڏورڻا ڏنا. ڏڪار جو بہ ذڪر ڪري چڪو آهيان، جنهن استعمال جي ضروري شين کي اڻ لڀ بنائي ڇڏيو هو. اسان کي ڪٽڪ نہ پئي دستياب ٿي سگهي، جنهن ڪري جَوَن جي ماني کائڻ تي مجبور ٿي پياسين. جَوَنِ جي ماني ڊاڪٽر صاحب کي ڏاڍي گهڻي تڪليف ڏيندي هئي.

سو مون ڳالهہ تي ڪئي تہ مديني ۾ اسان جو ڪيترن ماڻهن سان واسطو پيو. انهن ماڻهن مان حيدرآباد دکن جون بہ بيوه مايون بہ هيون، جن مديني ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي. انهن سان واسطو هيئن پيو جو هڪ ڏينهن مذڪوره مائين مان هڪ مائي بيمار ٿي پئي ۽ شيخ صاحب کان دوا ورتائين. دوا جي قيمت ۾ مائيءَ چار روپيہ ڏيڻا ڪيا، جيڪي پاڻ نہ ورتائون. بس، ان ڏينهن کان پوءِ اسان هڪ ٻئي کي ويجهو ايندا وياسين. پوءِ تہ مائي اسان سان پنهنجي ماءُ وانگر هلي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ سندس ننهن گذاري وئي ۽ مائيءَ پنهنجي ننهن جي هر شيءِ خيرات ۾ ڏئي ڇڏي، ايتري قدر جو پنهنجو وهاڻو بہ خيرات ڪيائين. پنهنجي وهاڻي لاءِ ڇا ڪيائين جو ڪفن ۾ پيسا وجهي ان کي وهاڻي طور استعمال ڪيائين. مائي جو نالو خديجہ بيگم هو. مديني ڇڏڻ وقت اسان مائي زنده ڇڏي هئي، خبر نہ آهي تہ هاڻي مائي زنده آهي يا مري وئي.

اسان واري جڳهہ جي ٻئي حصي ۾ هڪ ڪاٺياواڙي گهراڻو رهندو هو جنهن جا ڀاتي چڱين عادتن وارا ماڻهو هئا. اهي ڪافي عرصو آرام سان رهندا رهيا. هڪ ڏينهن بمبئي کان ڪين تار پهتي تہ سندن پٽ اتي گذاري ويو. پوءِ تہ پيرن هيٺان زمين نڪري وين ۽ اسهڻ جي تيارين ۾ لڳي ويا. جنهن جاءِ ۾ رهندا هئا، ان جي مسواڙ سال لاءِ ڏئي چڪا هئا، تنهن ڪري ويڃڻ وقت چيائون تہ اها جاءِ 5 روپين ماهوار مسواڙ تي آگره جي هڪ بيبيءَ کي ڏجو ۽ پئسا اسان ڏانهن موڪليندا رهجو. اسان جيترو وقت اتي رهياسين، پرائي امانت ڏيندا رهياسين، ليڪن آخر ۾ اسان وٽ سندن بہ گيڻيون رهجي ويون، جن لاءِ مرحوم ڊاڪٽر شيخ مرڻ وقت تائين تاڪيد ڪندا رهيا تہ اهي ڪنهن طرح سان مٿئين خاندان جي پوين کي پهچايون وڃن. اسان گهڻي ڪوشش ڪئي، پر ان خاندان جي پوين جو ڪو پتو

ڪونہ پيو آهي.

مان متي ٻڌائي چڪي آهيان تہ پهرين جنگ عظيم شروع ٿي چڪي هئي ۽ هر طرف باهہ ۽ بربادي وڏي رهي هئي. ملڪ ٻن وڏن ٽولن ۾ ورهائجي چڪا هئا ۽ هر طرف طائفو متل هو ۽ نفسا نفسي لڳي پئي هئي. شين جي گراني ۽ اڻ لڀائي متعلق بہ اڳ ۾ ئي لکي چڪي آهيان.

ان زماني ۾ مسلم دنيا ۾ ترڪيءَ جو ستارو اوج تي هو. هڪ وڏي طاقت جي حيثيت هيس ۽ مشرق وسطيٰ تي سندس خاص اثر هو. عالمي جنگ ۾ ترڪيءَ طرفان خاموشي اختيار ڪرڻ تہ ناممڪن هو. هن ظاهر ظهور جرمنيءَ جو پاسو ورتو ۽ اهڙيءَ طرح انگريزن جي اک ۾ ڪک تي چُڀجڻ لڳو.

انگريزن، هميشہ جي پاليسيءَ مطابق، مسلمانن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڪمزور ڪرڻ جي سازش سٽي. ترڪيءَ جو سياسي زور جيئن تہ وچ مشرق تي حڪومت هئڻ جي نتيجي ۾ هو تنهن ڪري انگريزن بہ پنهنجي ڪوشش کي ان خطي تي مرڪوز ڪيو. عربن کي غلط فهميءَ ۾ مبتلا ڪري، ترڪيءَ کي ڪمزور ڪرڻ جي ارادي سان هنن وڏي ليول تي بي بنياد پروپيگنڊا شروع ڪري ڏني. عربن کي ٻڌايو ويو تہ ترڪ غاصب آهن ۽ عرب ملڪن تي سياسي اثر ڄمائي عربن کي غلام بڻايو آهي. عرب ملڪن ۾ بيٺڪون قائم ڪيون ويون آهن ۽ سندن برتري (جا اسلام کين عطا ڪئي آهي) جي حقيقت کان انڪار ڪيو ويو آهي، جيڪو ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪرڻ گهرجي. تاريخي لحاظ کان، عربن کي مڙني مسلمانن تي فوقيت حاصل آهي ۽ هو مسلمانن کي اڳواڻي فرهم ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيا آهن ۽ نہ ان لاءِ تہ هنن جي قسمتن کي ٻيا ۽ ڌاريا ٺاهين ۽ ڊاهين. جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن عرب سان ڪا زيادتي ٿيل هئي تہ ان کي تيليءَ ملن ٿنڀ بڻائي اهڙي ڍنگ سان عربن آڏو آندو ويو جو ان مان سواءِ نفاق ۽ نفرت جي، پيو ڪو نتيجو نہ ٿي نڪتو. عرب جيڪي فطرتي طرح جذباتي واقع ٿيا آهن، هن پروپيگنڊه جي چڪر ۾ اچڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيا.

حقيقت هيءَ آهي (۽ ان جي تاريخ شاهد آهي) تہ اسلام جي اچڻ تي عيسائيت کي وڏي ذهني ڪوفت پهتي ۽ روز اول کان ئي هن عالمگير تحريڪ کي ختم ڪرڻ يا ڪم از ڪم نقصان پهچائڻ جا سانباها ٿيندا

انهيءَ وقت دوران، ڊاڪٽر صاحبَ اهو ارادو ظاهر ڪيو تہ ڪهڙي طرح سنڌ وارن سان خط وڪتابت ڪري، رابطو قائم ڪرڻ گهرجي. عين ان وقت ڊاڪٽر مرحوم انفليونزا جو شڪار ٿي پيو ۽ 8 ڏينهن جي بيماريءَ کان پوءِ اسان اميد لاهي ويٺاسون. اسان جي پرديس ۾ ان وقت ڪهڙي حالت ٿي هوندي، ان جو اندازو پڙهندڙ پاڻ لڳائي سگهن ٿا. الله ڪي آزيون نيزاريون ڪيو سين ۽ مڙني مرشد ڪٺي ميڙياسين. رب سائين رحم فرمايو ۽ ڊاڪٽر مرحوم اک پٽي. اسان کي بہ پيٽ ۾ ساهہ پيو. اک کولڻ وقت ڊاڪٽر صاحب پهريون ڪم خطن لکڻ جو ڪيو. هڪ خط بابي مرحوم ڏانهن لکيائون، هڪ خط شيخ نور محمد جي ڀاءُ شيخ عبدالله ڏانهن لکيائون ۽ هڪ حيدرآباد ۾ هڪ دوست ڏانهن. انهن خطن ۾ پن نياڻين جي پيدا ٿيڻ جي خبر بہ ڏني وئي ۽ جيڪي ڪجهہ اسان سان وهيو واپرايو هو ان جو مختصر قصو بہ ٻڌايو ويو.

ڊاڪٽر صاحب جن جڏهن خوش ٿيا، تڏهن اسان جو ڀاڳ وري موٽ کائي اسان وٽ آيو. ملٽريءَ ۾ ڊاڪٽريءَ جي نوڪري مليءَ ان سان گڏ رهڻ جو فرسٽ ڪلاس بنگلو جنهن ۾ باغ ۽ ڦوهارا هئا. ايتري قدر جو ڪاڏو بہ سرڪاري هو ۽ پگهار ڪاغذ واريون 200 گينيون.

لڙائيءَ جي نتيجي ۾ اُتي حالتون اهڙيون هونديون هيون، جو هر ڪو ماڻهو پاڻ کي مسافر تصور ڪندو هو جيڪو دراصل اسلامي نظريو آهي. ان مسافريءَ واري ڪيفيت ۾ اسان بہ پنهنجي زندگي بسر ڪري رهيا هئاسون. لٽو ڪپڙو ۽ ڪاڏو اهڙي قسم جو تيار رهندو هو جيئن اوچتي سڏ تي، الهہ واهي ڪرڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي ۽ ائين نہ ٿئي جو زندگيءَ جي خوشحالي ڪنهن بدحاليءَ جو سبب بڻجي پوي. ان ڪري "سڃي جي مڏي، هڪ ڏنڊڻ ٻي تڏي" واري مصداق تي هلندي، سيڪو مختصر گهرو سامان رکندو هو. ماني پچائڻ ۽ سنيالڻ جو بہ عجيب طريقو هوندو هو. پوري مهيني جي لاءِ مانيون پچايون ويندون هيون ۽ مانيون هڪ رلهيءَ جهڙي ٿلهي ڪپڙي ۾ رکيون ويندون هيون. کائڻ کان ٿورو وقت اڳ، پنهنجي ضرورت مطابق مانيون ڪڍي آلي ڪپڙي ۾ ويڙهي گرم ڪرڻ سان اهي تازيون ۽ کائڻ لائق ٿي پونديون هيون. اهڙيءَ طرح، بورچي خاني جي ڪم کان گهٽي ياڳي پري رهبو هو.

انهن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر صاحب، نوڪريءَ جي سانگي، ڪافي عرصو گهر کان پري رهندو هو. هڪ ڏينهن اعلان ٻڌم تہ گهر ۾ رکيل هٿيار فورًا جمع ڪرايا وڃن ۽ مقرر وقت اندر نہ جمع ڪرائڻ خلاف سخت قانوني قدم کنيو ويندو. اهو ٻڌندي ئي مان گهبرائجي ويس. ڊاڪٽر صاحب گهر ۾ ڪونہ هو ۽ هي ڪم ٻارن کان مٿي هو. مون هيءَ ترڪيب سوچي ۽ ڇا ڪيم جو گهر ۾ رکيل بندوق ۽ هڪ سؤ ڪارتوس، گهر ۾ هڪ نمايان جڳهہ تي رکي ڇڏيا ۽ طئي ڪيم تہ پڇا تي پوليس کي ٻڌائيندم تہ گهر ۾ مرد ماڻهو نہ هجڻ سبب هي جمع ثي نہ سگهيا آهن. نمايان جڳهہ تي رکڻ واري امر کي هن طرح استعمال ڪنديس تہ هٿيارن کي لڪائي رکڻ مقصود نہ هو.

هڪ ڏينهن الله جو ڪرڻو اهڙو ٿيو جو پوليس گهر تلاشيءَ لاءِ آئي ۽ مون کي زندگيءَ ۾ پهريون پيرو نقاب کي پاسي رکي، مردن سان مخاطب ٿيڻو پيو. مون کين بندوق کڻي وڃڻ لاءِ چيو جيڪا هو کڻي رمندا رهيا. بعد ۾ مولانا شيخ الهند محمود الحسن (رحہ) صاحب جي گهر تي چڙهائي ڪيائون. مون کي ان تي ڏاڍو جوش آيو ۽ مون همت ڪري پوليس کي ٻڌايو تہ مولوي صاحب جي گهر ۾ گهڙڻ جو کين ڪو حق ڪونہ هو. پوليس تہ هلي وئي، ليڪن پاڙي وارن مون کي اهو ٻڌائي ڊيڄاري ڇڏيو تہ مون پوليس کي ڪاوڙائي ڇڏيو آهي ۽ ان ڪري بندوق واري معاملي کي غير قانوني قرار ڏئي، پوليس ڊاڪٽر مرحوم کي گرفتار ڪندي ۽ تي سگهي ٿو تہ ان ڏوهہ ۾ ڊاڪٽر مرحوم کي ڦاهيءَ تي چاڙهيو وڃي. هاڻي پڙهندڙ خود اندازو لڳائي سگهندا تہ ان وقت، منهنجي حالت ڪهڙي ٿي هوندي. مون کي پريشان ڏسي شيخ الهند مولانا محمود الحسن (رحہ) مون کي آٿت ڏنو ۽ بعد ۾ پاڻ بندوق لاءِ پوليس جي پنيان ويو. خير، الله مهرباني ڪئي ۽ معاملو رفع دفع ٿي ويو.

هڪ مهيني کان پوءِ، جڏهن ڊاڪٽر صاحب گهر واپس آيو تڏهن اسان کيس پنهنجين پريشانين وارو سمورو احوال ڏنو ۽ اها گذارش ڪئي تہ آئنده اسان ساڻس گڏ رهنداسون. پوءِ کڻي ان حالت ۾ کيس يا اسان کي ننڍي گهر ۾ ئي رهڻو چو نہ پوي. ڊاڪٽر مرحوم کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي ۽ اسان ان کان پوءِ سيئي ياتي گڏ. اسپتال جي حدن اندر هڪ ننڍي بنگلي ۾ رهڻ لڳاسين.

هي بنگلو جيتوڻيڪ ننڍو هو ليڪن منجهس زندگيءَ جون گهڙيون

باب عنبريءَ (مديني جي اسٽيشن) ڪان وٺي حرم ڪمال پاشا تائين پيرين اگهاڙا آيا. فخري پاشا ۽ بصري پاشا به ان حصول لاءِ اچي مديني پهتا. وڏيون ڪوششون ڪيون ويون، پر شريف هڪ به نه ٻڌي ۽ پنهنجي ضد تي قائم رهيو. ڊاڪٽر شيخ شمس الدين مرحوم به انهيءَ مذڪور وفد جو گويا هڪ ميمبر هو ۽ هو هندوستاني عالمن جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو.

جڏهن شريف پنهنجي مخالفت تي اڙيو رهيو تڏهن اهو فيصلو ڪيو ويو ته ڪيس بي اثر بڻائڻ لاءِ هٿيار نه ڏنا وڃن. بصري پاشا ۽ فخري پاشا آخر تائين مديني ۾ رهي پيا. لڙائي زور وٺندي وئي ۽ ماڻهن ۾ ڦرڦوٽ پئجي وئي. حڪومت ڪين مديني ڇڏڻ جو مشورو ڏنو ليڪن ماڻهو ڇڏڻ نه پيا چاهين. آخر شهر تي حملا تيز شروع ٿي ويا ۽ بک ۽ بي روزگاري اچي منهن ڪڍيو. سيني ڪان وڌيڪ مايوس ڪن ڳالهه هئي ته وبائي بيمارين ۾ ماڻهو مرڻ لڳا. ان وقت حڪومت پوليس معرفت ماڻهن کي زوري گهرن مان ڪڍي، ريلن ۾ ويهاري لڏائڻ شروع ڪيو. عجيب افراتفري واري حالت هئي. ڪيترا گهر برباد ٿي ويا، زالون مردن ڪان جدا ٿي ويون ۽ ٻار يتيم ٿي پيا.

جڏهن تعليم يافته ماڻهن شڪايت ڪئي ته ڪنهن منظم طريقي سان، ماڻهن جي لڏ پلاڻ ڪرائي وڃي، تڏهن اهو فيصلو ٿيو ته آئنده ڪنهن ليڊر يا قبيلي جي شيخ جي زيرِ نگراني اهو ڪم ڪيو وڃي، ته جيئن پورا خاندان ۽ ڪٽنب گڏ سفر ڪن ۽ گهر برباد نه ٿين. شيخ عبدالرحمان ۽ ڊاڪٽر شيخ مرحوم کي به هي ڪم سونپيو ويو. ماڻهو روز بيشمار تعداد ۾ نالا لکائڻ لاءِ ايندا هئا ۽ اسپيشل ٽرينون هلڻ لڳيون. مون کي به ٻارن سميت عبدالرحمان شيخ جي زير نگراني واري ريل ۾ سفر ڪرڻو پيو. اسان مديني ۾ پريو گهر ڇڏيو. اسان وٽ ڪل 300 گينيون هيون، جيڪي ڊاڪٽر شيخ مرحوم عبدالرحمان شيخ کي ڏيڻ جو ارادو ڏيکاريو. مون مخالفت ڪئي، جنهن تي پاڻ ڏاڍو ڪاوڙيا. آخر پاڻ وٽ رکيل 30 گينيون عبدالرحمان کي ڏنائون، باقي پيسا مون وٽ رهيا. بعد ۾ انهيءَ ساڳئي ماڻهوءَ ڪين پئسا نه ڏنا ۽ پريشان ڪيو. هن ڪان اڳ به ٻن موقعن تي ڊاڪٽر مرحوم کي پئسن وڃائڻ ڪان مون بچايو هو.

خير، اسان سفر تي روانا ٿياسين ۽ شام جو رخ رکيوسين. رستي تي ترڪن ڏاڍو عمدو انتظام ڪيو هو ۽ هر طرح مسافرن کي آرام پهچايو ويو.

اسان ڪي شام پهچڻ ۾ 21 ڏينهن لڳا. اسان جي ريل جي سنڀال ۾ ترڪن جو هڪ ننڍو لشڪر ساڻ هو. شريف بدوين ڪي مچرايو هو تہ ريلن جا رستا پيچي ڇڏيو ۽ ريلون ڦريو. جنهن ڪري ترڪن کي وڏي سنڀال ڪرڻي پئي. مدائن جي اسٽيشن تي اسان ڪي ماني گوشت جام مليو ۽ شام ۾ اسان ڪي چڱيءَ طرح رهايو ويو. ڏهن ڏينهن ڪان پوءِ اسپيشل ٽرين ذريعي اسان استنبول روانا ٿياسين. اتي سنڌين جو هڪ رباط (مسافر خانو) هو. مسواڙ تي هڪ جاءِ وٺي رهڻ لڳاسين ۽ شيخ عبدالرحمان بہ هڪ ڪمري ۾ رهڻ لڳو. ايڏي گرديءَ هوندي بہ اسان جو پردو قائم رهيو.

ٿوري عرصي ڪان پوءِ حڪومت مهاجرن کي مختلف ڳوٺن ۾ رهائڻ لاءِ موڪليو. ان دوران شيخ عبدالرحمان بيمار ٿي پيو ۽ وڏي مشڪل سان هڪ اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. هن شخص، شيخ صاحب تي بعد ۾ ڪيس ڪيو ۽ مشڪل سان جند ڇڏائي سين. ڊاڪٽر مرحوم کي ان وقت پتو پيو تہ هو ڪهڙو ماڻهو هو.

اسان کي ترڪن عدنہ ۾ هڪ بنگلو الاٽ ڪري ڏنو جنهن ۾ هڪ عيسائي رهندو هو. هي هڪ عجيب وٽندڙ گهر هو. ازانسواءِ اسان کي هڪ باغ بہ مليو. مستقل روزگار جي پيدائش لاءِ اسان هڪ راشن جو دڪان ڪڍيو. مان ڊاڪٽر صاحب جي گهٽي مدد ڪندي هيس. لوڻ ڪُٽي ۽ ڏارو ڏري، ڪيس دڪان تي رکڻ لاءِ ڏيندي هيس. انهن ڏينهن ۾ مولانا محمود صاحب بہ جيل مان ڇُٽي آيو هو ۽ اسان جي گهر جي هڪ حصي ۾ رهڻ لڳو. انهيءَ جڳهہ ۾ رهندي مون کي خديجہ ڄائي.

اسان جي انهيءَ وچ ۾ وڏن اثر وارن ماڻهن سان واقفيت پيدا ٿي پئي هئي ۽ اسان نهايت آسوده زندگي بسر ڪرڻ لڳاسين. انهن ڏينهن ۾ فرانس ترڪن ڪان کٽيو ۽ جايون ۽ زمينون وري لڏي ويل مالڪن کي ملڻ لڳيون. اسان کي بہ دڪان بند ڪرڻو پيو. جنهن شهر ۾ اسان رهندا هئاسين، اتي بارش خوب پوندي هئي. اسان انهن خوفناڪ بارشن ۾ 3 مهينا ڪن رهياسين.

انهن ڏينهن ۾ لڙائين جي زخميل سپاهين ۽ ماڻهن کي "گلبڳ" جي شهر ۾ جمع ڪيو ويو هو جتي ڊاڪٽرن جي گهٽي ضرورت پيين. ان ڪري ڊاڪٽر مرحوم کي بہ انهن جي علاج لاءِ انگريزن، ڊاڪٽر مقرر ڪيو ۽ کيس 200 ڪاغذ جون گينيون پگهار طور ڏنائون.

سهولتون ميسر هيون. احاطي اندر هڪ ننڍو باغ هوندو هو جنهن ۾ ميوو جام ٿيندو هو. ننڍي نياڻي خديجہ کي نپائڻ ۽ ريجهائڻ لاءِ اسان وٽ هڪ نهايت شريف عورت بريلوي مهاجرن مان هئي، جنهن جو نالو صغران ٻائي هو جا اسان سان گڏجي وطن آئي، جتان پوءِ پنهنجي شهر بريلي ڏانهن موٽي وئي.

منهنجي طبيعت ۾ جيئن مٿي ٻڌائي چڪي آهيان، محنت ڪرڻ ۽ سکڻ جو جذبو گهڻي انداز ۾ آهي. هاڻي جڏهن ڏٺم تہ منهنجي شخصي جوابدارين ۾ ڪجهہ گهٽتائي آئي آهي ۽ اها بہ خبر هيم تہ آخر پنهنجي ملڪ واپس ورڻو آهي، اهو فيصلو ڪيم تہ حالتن ۽ تعلقات جو فائدو وٺندي، ترڪن جي گهرو زندگيءَ متعلق پنهنجي معلومات وڌايان. سو ڇا ڪيم جو ڊاڪٽر صاحب جي صلاح سان متعدد ترڪن جي گهرن ۾ وڃڻ جو پروگرام ٺاهيم. جن مان مشهور گهر "مدير الاوقاف" جو هو جتي وڃي هڪ رات ٽڪيس. رات جو سنڌن ڪاڌي خوراڪ تيار ڪرڻ، ٿانون ٿپن جي ڏوئڻ ۽ ڪاڌي لاءِ استعمال ڪرڻ، ڪاڌي واري ڪمري کي سينگارڻ جهڙين ڳالهين کي غور سان جانچيم. ان کان سواءِ گهرو زندگيءَ جي ٻين پاسن، مثلاً گهر جي ٻاتين جو هڪ ٻئي سان اٿڻ ويهڻ کي بہ مون چتائي ڏٺو. ٻئي ڏينهن ساڳئي ارادي سان، وري هڪ "بخاريءَ" جي گهر ۾ ويس تہ جيئن انهن طريقن کي چڱيءَ طرح هنڊائي سگهان.

اسان انهيءَ شهر ۾ 12 مهينا گذاريا. پر سان اسڪول يا مدرسي نہ هئڻ سبب، ان عرصي دوران ٻارن کي گهر ۾ پاڙهيندا هئاسين. هڪ ڏينهن شيخ صاحب بہ چيو تہ واپس مديني هلي رهڻ گهرجي. انهن ڏينهن ۾ اسان جي اڳ ۾ لکيل خطن جا جواب بہ اچي ويا. اسان کي معلوم ٿيو تہ شيخ غلام محمد، ڊاڪٽر صاحب جو چاچو عزيزه صغري (بيگم حسن علي عبدالرحمن) جو پيءُ، شيخ صاحب جو والد صاحب ۽ زبيده منهنجي ننڍي ڀيڻ داغ جدائي ڏئي، راهہ رباني وٺي ويا هئا. منهنجو بابو مرحوم شيخ عبدالرحيم "سرهند" هليو ويو هو. دراصل گهڻو احوال، اسان کي شيخ عبدالله جي خط مان معلوم ٿيو. زال ذات اڳ ۾ ئي هيٺي، مون جڏهن اهي خط پڙهيا ۽ ڪيترن پيارن جي موت جو ٻڌو تڏهن اکين ۾ آب اچي ويو ۽ اها اچي خواهش ٿي تہ مون کي پرَ هجن جو مان پکيءَ وانگر ملڪ لتاڙي، سمنڊ اڏامي وطن وارن وٽ هن گهڙي وڃان.

هنيو منهنجو هُت ٿيو هِت متي ۾ ماهه،
پکن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

انهن پهن پچائڻ ۾ رڏيل رهيس ته خبر آئي تہ اسان کي بہ اسٽيشن ڊائهن ٽرانسفر ڪيو ويو آهي. 24 ڪلاڪن ۾ اڳيون گهر ڇڏيوسين ۽ نئين جڳهه تي پهتاسين. اتي رهڻ جي جڳهه سوڙهي هئي. اجا نوڪرياڻي رکون ئي رکون، تنهن کان اڳ "ادرنہ" ۾ موٽي آياسون. ان نئين شهر ۾ اسان فقط هڪ مهينو رهياسون. زندگي بہ عجيب چڪر جو نالو آهي. ادرنہ ۾ اهڙو اتفاق ٿيو جو اسان کي ان مسافر خاني ۾ رهڻو پيو جنهن کان ڊاڪٽر مرحوم ۽ شيخ عبدالرحمان هميشہ منع ڪندا هئا. ان کان پوءِ ڪوشش سان سرڪاري طرح (دمشق) شام ۾ آياسون. اتي پير خان محمد سان ملاقات ٿي، جنهن تازو شادي ڪئي هئي ۽ ان کان سواءِ ٻين ڪيترن مديني جي واقفن سان ملاقات ٿي.

انهن ڏينهن ۾، حڪومت ماڻهن جي مرضيءَ مطابق کين خرچ ڏئي، پنهنجي وطن ڊائهن واپس ٿي ڪيو. مون ان سهوليت جو فائدو وٺڻ تي گهريو. ڊاڪٽر صاحب ان لاءِ تيار نہ هو ليڪن منهنجي زور تي آماده ٿيو. تيار ٿيڻ کان پوءِ، اسان کي سرڪاري طرح تنبن ۾ رهايو ويو جتي اسان 6 مهينا گذاريا. ان کان پوءِ اسان سفر سنياليو. شام کان بيت المقدس وياسين، جتان عراق وڃڻو پيو. عراق ۾ اسان کي وڏين مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پيو. شام کان اسان ريل ۾ سوار ٿياسين. اسان سان نوڪرياڻي ۽ عبدالله بخاريءَ جي ننهن بہ ساڻ هيون. سوار ٿيڻ وقت، اسان هڪ گاڏيءَ ۾ ويٺا هئاسون ۽ شيخ صاحب ۽ ڊاڪٽر ضياءُ الدين (منهنجو وڏو پٽ) ٻي گاڏي ۾ ويٺا. اسان ائين سمجهيو تہ هو رهجي ويا. پوءِ تہ ڪافي پريشاني ٿي، ليڪن لهڻ وقت معلوم ٿيو تہ اهي بہ ساڳئي ريل ۾ هئا، فقط گاڏو بدلجي ويو هو. بد جي ريلوي اسٽيشن تي لهي، مسواڙ جي هڪ تنبوءَ ۾ رهڻ لڳاسين. صبح جو شيخ صاحب مرحوم کي خيال پيو تہ ڇو نہ بيت المقدس جو ديدار بہ ڪجي، جيڪو اتان ٿوري فاصلي تي هو. اتي ڊاڪٽر ضياءُ الدين کي بعد ۾ اينڊڙ گاڏيءَ لاءِ ڇڏي، اسان بيت المقدس جي زيارت لاءِ روانا ٿياسون.

بيت المقدس پهچڻ کان پوءِ، ٽئي ڏينهن وچين نماز وقت وڃي زيارتون ڪيوسين. اتي اسان شيخ الله "رباط الاسلام" (مسلمانن لاءِ مسافر خانو) ۾

وڃي لٿاسون. اسان کي في الفور جنهن ڳالهه زياده متاثر ڪيو سا هئي اتان جي عورت. بيت المقدس جون عورتون نهايت خليق ڏٺيون ويون ۽ اسان کي وڏي اخلاق سان پيش آيون. اتي جي رهندڙ عورتن ئي، اسان جي ماني جهلي، جنهن ۾ ڪٽڪ جي ڏاري ۾ واڱڻ جو پلاءُ ڪارايو ويو. اسان هي ڪاڏو نهايت مزي سان ڪاڌو.

بيت المقدس ۾ اسان ڏهه ڏينهن رهياسون ته جيئن سموريون زيارتون ڪري سگهون. ان عرصي دوران، ٻه ڪاڏيون پاڙي تي ڪيون ويون ۽ هڪ هڪ جڳهه تي وياسون، مثلاً حضرت يعقوب عليه السلام، حضرت ابراهيم عليه السلام، حضرت اسماعيل عليه السلام، حضرت اسحاق عليه السلام جون زيارتون ڪيوسين. ازان سواءِ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي جمڻ جي جاءِ (بيت اللحم) به ڏٺوسون. انهن زيارتن وقت جيڪا ڪيفيت اسان تي طاري ٿي هئي ۽ جيڪا روحاني راحت محسوس ڪئي، ان جو بيان ڪرڻ منهنجي قلمي قوت کان گهڻو مٿي آهي. هن خطي تي الله پاڪ جا وڏا احسان آهن. جتي ايڏا وڏا عظيم پيغمبر ۽ ايڏي وڏي تعداد ۾ مختلف وقتن ۾ موڪلي، ماڻهن جي رهنمائي ڪئي وئي. بيت المقدس جو ورثو اسان مسلمانن کي مليو ۽ اتي جي سنڀال ۽ سلامتي اسان جي ذمي رهي.

هيءَ حقيقت تاريخ مان ثابت ڪري سگهجي ٿي ته صدين کان هن پاڪ جاءِ جي حفاظت، مسلمانن جي هٿ ۾ رهي آهي ۽ هنن حفاظت جي اهم سرانجام ڏيڻ جي ذميداري چڱيءَ طرح ادا ڪئي. هن وقت جيڪا ڳالهه دنيائي اسلام جي مسلمانن لاءِ نهايت دکدائڪ آهي، اها آهي اهڙي پاڪ جاءِ جو هٿان نڪري وڃڻ ۽ يهودين جي قبضي ۾ اچي وڃڻ. ان ڳالهه تي جيترو افسوس ڪجي، اهو ٿورو آهي، ليڪن فقط افسوس تي اڪتفا ڪرڻ ناڪافي آهي. خود اقليتي يهودين هٿان اڪثريتي عربن جي شڪست تاريخ جو هڪ وڏو موڙ آهي، جتي پهچائي قدرت عربن کي اکين پٽڻ لاءِ چئي رهي آهي. گهڻائيءَ جي گهمنڊ ۾، عرب مسلمان غلطان هئا ۽ عمل کان ڪوهين ڏور وڃي پهتا هئا. بجاءِ ان جي جو پنهنجي مشترڪ دشمن اسرائيل کي صفحه هستيءَ تان مٽائين، هو پاڻ ۾ زور آزمائي ڪندا رهيا ۽ هڪ ٻئي جي خلاف سازشون سٽيندا رهيا ۽ نتيجي ۾ ڏينهون ڏينهن ڪمزور پوندا ويا. موجوده دنيا طاقت وارن جي آهي، ڪمزورن جي ناهي.

ڪنهن بہ قوم جي ڪمزوري گويا ٻين کي دعوت آهي تہ ان کي لتاڙيو ۽ نابود ڪيو وڃي.

عمل سے زندگی بنتی ہے، جنت بھی جہنم بھی
یہ خاکی اپنی فطرت میں نہ نوری ہے نہ ناری ہے

بيت المقدس کان اسان مصر پهتاسون. جتي وري حضرت يوسف عليه السلام ۽ بيبي زليخا جا مقبرا بہ ڏٺاسون. اتي اسان کي عزيز بادشاهہ جا نشاناتِ بہ ڏيکاريا ويا. مصر ۾ اسان کي پنهنجا اڪثر رفيق ملي ويا. جيڪي مختلف ملڪن کان اتي اچي جمع ٿيا هئا. اتي اسان ڇهہ مهينا ڪن تنبن ۾ نهايت آرام سان گذاريا ۽ ڪيترن تاريخي مقامات جو ديدار ڪيوسين. وقت گذرندو رهيو ۽ آخر اهو انتظار وارو ڏينهن بہ اچي ويو جڏهن ٽڪيٽ وٺي، اسان بمبئيءَ ڏانهن روانا ٿياسين. ڪيترن ڏينهن جي سفر کان پوءِ، هڪ ڏينهن اسان اچي بمبئي پهتاسين. اسان جي خير مقدم ڪرڻ لاءِ ڪيترا ئي مٽ مائٽ، دوست احباب اچي گڏ ٿيا هئا. جن ۾ ڊاڪٽر شيخ نور محمد بہ هو. حيدرآباد پهچڻ تي ڪيترن ماڻهن جو مجموعو ڏٺوسين، جن اسان کي کلي ڪيڪاريو. شروع ۾ اسان سيٺ امين الدين جي جاءِ ۾ لٿاسون، جتي منهنجا ڀائر ۽ ڀينرون رهيل هئا. 15 ڏينهن کان پوءِ ميان فقير جي پڙ واري جاءِ ۾ رهياسون. جنهن کان پوءِ، پنهنجي جاءِ جي مرمت ڪرائي، ان ۾ رهڻ لڳاسون. جيڪا جاءِ بعد ۾ ڍهين هزارين روپئي وڪڻي ڇڏي سون.

مرحوم شيخ صاحب پنهنجو وقت ڪڏهن بہ نہ وڃائيندو هو. هُو وقت کي امانت سمجهندو هو. اچڻ سان ئي روزگار پيدا ڪرڻ جون رٿون ٺاهڻ لڳو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ صدر ۾ اسپتال کولي وئي ۽ ٻنيءَ کي سنڀاليو ويو. اسان جي وڃڻ کان اڳ، ڊاڪٽر صاحب کي 6 ايڪڙ زمين ۽ 3 هزار روپيہ ورثي ۾ مليا هئا. آمد تي انهيءَ زمين کي خوب ڪمايائون. اُسن ۽ جهولن ۾ ويهي، زمين کي صفائي ڪرايائون ۽ قابلِ ڪاشت بڻايائون. سنت ئي انهن ٻن ذريعن مان چڱي ڪمائي ٿيڻ لڳي ۽ اسان آرام سان زندگي بسر ڪرڻ لڳاسون

پرديس واري عرصي ۾، اسان جي ٻن وڏن ٻارن يعني ضياءُ الدين ۽ مريم جي تعليم ۾ ڪنهن حد تائين رخنو پيو هو. ٻنهي ترڪيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪئي هئي، ڇوڪريءَ کي گهر ۾ قرآن شريف توجهہ سان پڙهايو ويو هو ۽

ڪجهہ اڳتي انگريزي تعليم بہ ڏني وئي هئي. ضياءُ الدين، حيدرآباد جي ڪاليج ۾ نہ پڙهيو جنهن ڪري کيس دهلي جي طبيہ ڪاليج ۾ داخل ڪرايو ويو. هن داخلا وٺرائڻ ۾، مولوي حبيب الرحمن صاحب اسان جي وڏي مدد ڪئي هئي.

انهن ڏينهن ۾، ماڻتي ڪرڻ لاءِ، آخوند عبدالله جو پاءُ، پير سرهنديءَ کي ساڻ ڪري، اسان وٽ لنگهي آيو. اسان پير سرهنديءَ جا مڙئي شيخ وڏا معتقد رهيا آهيون. اهو خيال دل ۾ رکي، پير صاحب کي اسان وٽ آندو ويو تہ جيئن اسان نياڻي مريم جي ٻانهن، آخوند عبدالله جي هٿ ۾ ڏيڻ کان نہ لهرايون. لکئي جو ليک ائين ٿيڻو هو آخوند صاحب سان اسان جي ماڻتي ٿي وئي. کين خدا جي فضل سان ٽي فرزند ۽ ٽي نياڻيون آهن ۽ سڀ چڱن عهدن تي فائز آهن.

مريم جي شاديءَ کان پوءِ، مون ڏاڍي اڪيلائي محسوس ڪئي ۽ سندس جدائيءَ ۾ گهڻو اداس ٿيس. ان ڳالهہ شيخ صاحب کي گهڻو ملول ڪيو. هن سوچيو تہ ڪنهن طرح مون کي حيدرآباد مان ٻاهر ڪڍيو وڃي ۽ ڪنهن ٻيءَ ۽ نئين مصروفيت ۾ وڌو وڃي، تہ جيئن پاڻ سنڀالي سگهان. ان مقصد خاطر شيخ صاحب جن ضياءُ الدين کي لکيو تہ هو مون کي دهلي وٺي وڃي. دهلي پهچڻ تي، مون کي طبيہ ڪاليج ۾ مدوائفيري ۾ داخلا وٺي ڏني وئي ۽ 7 روپيہ وظيفو ملڻ لڳو. ڪاليج جي پرسان رهڻ جي جڳهہ هوندي هئي، جنهن ڪري ڏاڍي آسانيءَ سان اچ وڃ ٿيندي هئي. انهن ڏينهن ۾ مون کي آمنہ بہ چائي جيڪا اڃا 12 ڏينهن جي هئي تہ مان وڃي طبيہ ڪاليج ۾ داخل ٿيس. ساڳئي وقت عائشہ ۽ خديجہ کي بہ ڇوڪرين جي اسڪول Queen Marys ۾ داخل ڪرايم. بعد ۾ مون کي بورڊنگ هائوس ۾ داخلا ملي وئي ۽ اهڙي طرح ٻارن جي نزديڪ رهڻ جو موقعو ملي ويو. اندر ڪاليج جي احاطي ۾ هئڻ سبب، سڀ ڪنهن کي قريب سان ڏسڻ جو موقعو بہ فراهم ٿي پيو. انهن ڏينهن ۾، منهنجي واقفيت هڪ ڊاڪٽرياڻيءَ سان ٿي، جنهن جو نالو مسز ولسن هو. شروع ۾ غلط فهميءَ جي بنا تي، هيءَ ڊاڪٽرياڻي مون سان چيت پئجي وئي، ليڪن بعد ۾ ٺهي وئي. اڳتي هلي جڏهن مون ڏٺو تہ سندس سلوڪ مسلمان ڇوڪرين سان نيڪ نہ هو تڏهن تہ مون بہ سندس سخت مخالفت ڪئي. نتيجي ۾ کيس اتان ڪڍيو ويو.

انهن ڏينهن ۾ اسان جي واقفيت هڪ ڇوڪريءَ سان اسپتال ۾ ٿي، جيڪو ذريعو بعد ۾ اسان جي نئين مٽيءَ جو سبب بڻيو. هيءَ ڇوڪري منهنجي وڏيءَ ننهن جي پڦاٽ هئي. سندس مدد سان اسان بعد ۾ مسواڙ تي هڪ جڳهه ورتي، جنهن جي مسواڙ 25 روپيه مهينو هئي ۽ اسان آرام سان رهڻ لڳاسين.

مون ان وچ ۾ ٻن سالن جي مڊوائيفري جو ڪورس به پورو ڪيو جو بعد ۾ حيدرآباد ۾ ضياءُ الدين جي اسپتال قائم ڪرڻ ۽ هلائڻ ۾ ڏاڍو گهڻو ڪارآمد ثابت ٿيو. سياڻن سچ چيو آهي ته حاصل ڪيل معلومات ڪنهن نه ڪنهن وقت ضرور ڪم اچي ٿي.

دهليءَ واري عرصي ۾، مون ٻارن جي خوب سنڀال ڪئي. ڊاڪٽر شمس الدين ڇهين ڇهين مهيني ايندو هو ۽ ٻه مهينا اچي رهندو هو. اسان پنهنجي وقت جو پورو پورو فائدو ورتو. آخر ڇڏڻ وقت، ٻار وري بورڊنگ ۾ داخل ڪراياسون ۽ اسان حيدرآباد هليا آياسون. پهچڻ تي وري ضياءُ الدين تي زور رکيو ويو ته ڊاڪٽري پڙهي، مگر هن نابري واري. ان حالت ۾ اسان لاءِ هڪ ئي رستو هو ته کيس شادي ڪرايون ۽ روزگار لاءِ اسپتال کولي ڏيون. ان ارادي سان صدر ۾ اسپتال کولي سون ۽ فقير جي پڙ واري اسپتال جو سمورو سامان کڻي، ان نئين اسپتال ۾ وڌو سون.

مان اڳ ۾ لکي چڪي آهيان ته هڪ ڇوڪريءَ سان اسپتال ۾ ملاقات ٿي هئي ۽ سندس ذريعي، ضياءُ الدين جي ٿيندڙ ساهرن سان ملياسين. اسان کي ماڻهو گهڻو پسند آيا ۽ ضياءُ الدين کين وڻيو. حيدرآباد اچڻ کان پوءِ ڇهه مهينا گذري چڪا هئا، جڏهن وري اسان ڏانهن خط لکي مائٽي ڪري وڃڻ لاءِ چيائون. انهن ڏينهن ۾ مريم بيمار ٿي پئي هئي، جنهن ڪري ڪجهه عرصي لاءِ اهو ڪم ملتوي ڪيو ويو. بعد ۾ جڏهن ٻارن کي وٺڻ وياسون، تڏهن ڳالهيون پڪيون ڪري آياسون. انهيءَ مٽي ڪرڻ ۾ اٽڪل چار سال لڳي ويا هئا. اسان جو خيال پنهنجائي ۾ هو. بعد ۾ شيخ صاحب نئين مٽيءَ تي آماده ٿيو ليڪن ساڳئي وقت ضياءُ الدين کي موڪلڻ ۽ نڪاح ڪري اچڻ جو خواهشمند هو.

ضياءُ الدين جي شخصي ۽ سندس گهراڻي جي معلومات لاءِ سندس سهرو واپاريءَ جي ويس ۾، حيدرآباد اچي رهڻ لڳو. اسان کي وچ ۾ خبر

